جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC CARTL

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر: سيد گل شاهه

جلد 16 | سومر 06 اپريل 2026ع بمطابق 17 شوال المڪرم 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 180

صوبي جي هر غريب شهري تائين پيٽرول ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سبسڊي فراهم ڪئي ويندي: وڏو وزير

ٽرانسپورٽر ڀاڙن کي برقرار رکڻ تي راضي؛ سنڌ حڪومت سبسڊي جو بار کڻندي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه

پبلڪ ٽرانسپورٽ، اسڪول وينز ۽ اهم شعبن کي رليف فراهم ڪيو ويندو: وڏي وزير جي ٽرانسپورٽرن سان گڏ پريس ڪانفرنس

حڪومت هڪ گڏيل حڪمت عملي تيار ڪئي آهي ته جيئن شهرين، خاص طور تي گهٽ آمدني وارن مسافرن کي عالمي سطح تي ٻارڻ جي اگهن ۾ واڌ سبب وڌندڙ سفري خرچن کان بچائي سگهجي

ڊويزنل ڪمشنرن ۽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽيز وڊيو لنڪ ذريعي شامل ٿيا، جيڪو هن فيصلي جي سڄي صوبي ۾ گڏيل عملداري جي اهميت کي ظاهر ڪري رهيا هئا

پريس ڪانفرنس جي ابتداءَ ۾ سنڌ جي وڏي وزير سموري ملڪ ۽ خاص طور تي صوبي ۾ رهندڙ عيسائي برادري کي ايسٽر جون واڌايون پڻ ڏنيون

ڪيترين ئي صلاح مشورن ڪانپوءِ بين الاضلاع ۽ شهرن جي روٽن تي هلندڙ ٽرانسپورٽرز هن ڳالهه تي راضي ٿي ويا آهن ته اهي سواريءَ جي ڀاڙن ۾ واڌ نه ڪندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه آچر ڏهاڙي عوام لاءِ هڪ وڏي رليف پيڪيج جو اعلان ڪيو. هن ٽرانسپورٽرن سان ڪامياب ڳالهيون ڪرڻ ڪانپوءِ سڄي صوبي ۾ بس جي ڀاڙن کي منجمد ڪرائي ڇڏيو ساڳي وقت وڌندڙ ٻارڻ جي اگهن جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ هڪ هدف تي ٻڌل سبسڊي پروگرام پڻ متعارف ڪرايو. اهو اعلان وزيراعليٰ هائوس ۾ اعليٰ سطحي پريس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي

قومي اسيمبلي جو اجلاس ٻن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ سومر تي ٿيڻ ٿيندو

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جو اجلاس ٻن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ سومر جي شام 5 وڳي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

جنگ دوران پاڪستان ۾ ايراني ڪرنسي جي قيمت وڌي وئي

لاهور(م د) جنگ دوران پاڪستان ۾ ايراني ڪرنسي جي قيمت وڌي وئي آهي. ايڪسچينج ڪمپنيز /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ملڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ تيل جا مناسب ذخيرا موجود آهن، عوامي رليف جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پيٽروليم شين تي سبسڊي لاڳو ٿيڻ تي اڳيرائي جو جائزه اجلاس ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن ۽ لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي

انٽيليجنس بيورو حڪومتي ڪفايت شعاري ۽ سادگي وارن قدمن کي لاڳو ڪرڻ واري رپورٽ پيش ڪئي، اجلاس کي سبسڊي فراهمي ۽ اڳيرائي سان گڏوگڏ ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي ذخيرن ۽ کپت تي به بريفنگ ڏني وئي

مسافر بسن کي هڪ لک روپيه ماهوار سبسڊي فراهم ڪئي پئي وڃي، مني بس ۽ ويگنن کي 40 هزار ۽ ڊيليوري وينن کي 35 هزار روپيه سبسڊي ڏني پئي وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ اضافو روڪڻ جي لاءِ ٽرڪن کي 70 هزار روپيه ماهوار سبسڊي ڏني پئي وڃي. نظام ۾ شفافيت لاءِ اها رقم ڊيجيٽل والٽس جي ذريعي فراهم ڪئي پئي وڃي

بلوچستان حڪومت قومي پيڪيج جي ٽئي تيل رقم جمع ڪرائي ڇڏي آهي جيڪو تعريف جوڳو قدم آهي. اميد آهي ته ٻيا صوبا به انهي پيڪيج جي لاءِ جلد کان جلد ٽئي تيل رقم جمع ڪرائيندا

گذريل ٽن هفتن ۾ 128 ارب روپين جو عوامي رليف پيڪيج ڏنو ويو. مشڪل جي هن گهڙي ۾ ڪنهن به صورت ۾ عوام کي اڪيلو نٿا ڇڏي سگهون: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ تيل جا مناسب ذخيرا موجود آهن. حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻي رهي آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پيٽروليم شين تي سبسڊي لاڳو ٿيڻ تي اڳيرائي جو جائزه اجلاس ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن ۽ لاڳاپيل اختيارين شريڪ ٿيون. انٽيليجنس بيورو حڪومتي ڪفايت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان ۽ ايراني وزيرن جو رابطو، تازي صورتحال تي ڳالهيون

اسحاق ڊار تڪرار گهٽائڻ جي سيني ڪوشش لاءِ پاڪستان جي حمايت کي ورجايو

ڳالهه ٻولهه دوران، ٻنهي اڳواڻن جاري ترقي کي نظر ۾ رکندي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي به اتفاق ڪيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي نائب وزيراعظم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

حج 2026، بابرڪت سفر جي پهرين پرواز جو اعلان ٿي ويو

پاڪستان کان حج پانڌيئڙن جي پهرين اڏام 18 اپريل تي سعودي عرب پهچندي

رياض پهچڻ تي مسلم ليگ (ن) سعودي عرب جي عهديدارن وفاقي وزير جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو

اسلام آباد (بيورو) سردار محمد يوسف رياض پهچڻ ڪان پوءِ حج 2026 جي انتظامن بابت هڪ اهم اعلان ڪيو آهي. جنهن مطابق پاڪستا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ڪراچي سميت سڄي ملڪ ۾ ايسٽر مذهبي جوش جذبي سان ملهايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سڄي ملڪ جيان ڪراچي ۾ مسيح برادري ايسٽر جو ڏينهن آچر تي جوش جذبي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ايران جو اسرائيل تي تازو حملو، تل ابيب ۾ ڌماڪا

ايران اسرائيل تي هڪ نئون حملو شروع ڪيو آهي. ايراني ميڊيا پاران جاري ڪيل هڪ وڊيو ۾ ڏيکاريو ويو

آمريڪا تباهه ٿيل جهاز مان فرار ٿيندڙ پائلٽ کي مارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

آمريڪا، جيڪو بچاءَ جي مشن ۾ ناڪام ٿيو هو، هاڻي پنهنجي پائلٽ کي مارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

تهران(م د) ايران اسرائيل تي هڪ نئون حملو شروع ڪيو آهي. ايراني ميڊيا پاران جاري ڪيل هڪ و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

صدر ۽ وزيراعظم پاران عيسائي برادري کي ايسٽر جون مبارڪون

هي ڏينهن رحم، اميد، تجديد، ٻيهر جنم، تازگي، نجات، موت تي زندگي جي فتح ۽ برائي تي نيڪي جي فتح جو واضح پيغام ڏئي ٿو: صدر

عيسائي مرد ۽ عورتون اسان جي اسڪولن، اسپتالن، سرڪاري خدمتن ۽ هٿياربند فوجن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف ايسٽر جي موقعي تي پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

موسميات کاتي جي سنڌ ۾ برسات جي اڳڪٿي کان پوءِ لاڳاپيل ادارن کي الرٽ ڪري ڇڏيو آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي، سکر، ڪشمور، گهوٽڪي، ڄامشورو، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي

برسات جي اڳڪٿي سبب حڪومت سمورن لاڳاپيل ادارن کي الرٽ ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر صوبائي وزير شرجيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پرائيويٽ اسڪولز پاران ميٽرڪ جا امتحان ملتوي ڪرڻ جو مطالبو

امتحاني مرڪزن کي اڃا تائين حتمي شڪل نه ڏني وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پرائيويٽ اسڪولز الائنس 7 اپريل کان شروع ٿيندڙ ميٽرڪ امتحانن کي ملتوي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

لاهور: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار کي داتا دربار جي مزار جي ترقياتي ڪمن بابت بريف ڪيو پيو وڃي

سڄي دنيا ۾ تيل جو بحران آهي: عطا الله تارڙ

حڪومتي قدمن جي ڪري ملڪ ۾ تيل جو بحران پيدا نه ٿيڻ ڏنو ويو، وزيراعظم عوامي رليف لاءِ پيٽرول تي لاڳو ليوي ۾ 80 روپين تائين گهٽتائي ڪئي

ڪفايت شعاري تي وزيراعظم روزاني جي بنياد تي وزارتن کان رپورٽ طلب ڪري ٿو

تيل جو بحران عالمي سطح تي درپيش آهي جنهن سان سمورا ملڪ متاثر ٿي رهيا آهن

لاهور(م د) سڏ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ چيو آهي ته سڄي دنيا ۾ تيل جو بحران آهي. تاريخ ۾ عالمي سطح تي تيل جي قيمتن ۾ ايتري واڌ ڪڏهن به نه ٿي. حڪومتي قدمن جي ڪري ملڪ ۾ تيل جو بحران پيدا نه ٿيڻ ڏنو ويو. وزيراعظم عوامي رليف لاءِ پيٽرول تي لاڳو ليوي ۾ 80 روپين تائين گهٽتائي ڪئي. پبلڪ ۽ گڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

لاهور: وفاقي وزير عبدالعليم خان مري ايڪسپريس وي جي مڪمل ٿيڻ تي معائنو ڪندي

اسحاق ڊار ۽ عباس عراقچي وچ ۾ ٽيليفون تي رابطو، ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ تي زور

ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ خطي جي تبديل ٿيندڙ صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

پاڪستان هڪ ڀيرو ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ سمورين سفارتي ڪوششن جي مڪمل حمايت جو ارادو ڪيو

موجوده بحران جو حل صرف ڳالهيون ۽ سفارتڪاري جي ذريعي ئي ممڪن آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ سفارتي رابطا تيزي ٿي ويا آهن. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي، پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ٻنهي اڳواڻن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: نائب امير جماعت اسلامي لياقت بلوچ تقريب کي خطاب ڪندي

گيس بحران: حڪومت جو گهريلو صارفين لاءِ وڏيڪ ڪٽوتين تي غور

جنهن کي نظر ۾ رکندي حڪومت گهريلو صارفين جي لاءِ گيس جي وڏيڪ ڪٽوتين تي غور ڪري رهي آهي

توانائي بابت قائم ڪميٽي جي تازي اجلاس ۾ گيس راشن بندي جي تجويز پيش ڪئي وئي پر وفاقي وزيرن انهي جي سخت مخالفت

اهڙي قدم سان عوام ۾ بيچيني پکڙجي سگهي ٿي ۽ سياسي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو

اسلام آباد (بيورو) ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ سبب توانائي جي عالمي ورهاست متاثر ٿيڻ سان پاڪستان ۾ گيس جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي جنهن کي نظر ۾ رکندي حڪومت گهريلو صارفين جي لاءِ گيس جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

ملتان ۾ رڪشا ۾ ايل پي جي سلنڊر ڦاٽڻ سبب 3 ڄڻا فوت، 14 زخمي

رڪشا ۾ سوار 3 ماڻهو مارجي ويا ۽ 14 زخمي ٿيا. زخمين کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو

رڪشا ۾ سوار سڀئي ماڻهو هڪ ئي خاندان سان تعلق رکن ٿا ۽ رڪشا ۾ مظفر ڳڙهه کان ملتان سفر ڪري رهيا هئا

گاڏي ۾ سوار سڀني ماڻهن کي اسپتال پهچايو ويو، جتي زخمين مان 3 فوت ٿي ويا، 14 ماڻهو نشتر اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن

ملتان (رپورٽر) ملتان ۾ مظفر ڳڙهه روڊ تي مسافر رڪشا ۾ ايل پي جي سلنڊر ڦاٽڻ ڪان پوءِ باهه لڳي وئي. ريسڪيو ترجمان موجب، رڪشا ۾ سوار 3 ماڻهو مارجي ويا ۽ 14 زخمي ٿيا. ترجمان چيو ته زخمين کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

واٽر ڪارپوريشن انتظاميا طرفان مسيحي برادري کي ايسٽر جي موقعي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد

ايسٽر جو ڏهاڙو امن، محبت، قرباني ۽ اميد جو درس ڏئي ٿو: اسد الله خان

جيڪو معاشري ۾ مثبت قدرن جي واڌاري لاءِ نهايت اهم آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي انتظاميا مسيحي برادري کي ايسٽر جي پُر مسرت موقعي تي دلي مبارڪباد پيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڊيزل مهانگو، ڪراچي اڏاوتي شعبو بحران جي ور چڙهي ويو، مٽيريل ۽ مزدوري جي قيمتن ۾ واڌ

سيمنٽ جي في ٻوري قيمت واڌ ڪئي وئي آهي جڏهن ته ريتي ۽ ڪرش 3000 هزار روپين تائين واڌ تي وئي آهي

اهڙي طرح سريي جي في ٽن قيمت ۾ 35 هزار واڌ تي چڪي آهي جنهن تعمير هيٺ منصوبن جي لاڳت ۾ غير معمولي اضافو ڪري ڇڏيو

اڏاوتي شعبي سان لاڳاپيل مستري ۽ مزدورن به وڌندڙ مهانگائي سبب پنهنجي اجرت وڌائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) ڊيزل جي قيمتن وڌڻ سبب ڪراچي ۾ اڏاوتي شعبو سخت متاثر ٿي رهيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ اڏاوتي مٽيريل ۽ مزدوري ۾ وڏي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي مارڪيٽ ذريعن مطابق سيمنٽ جي في ٻوري قيمت واڌ ڪئي وئي آهي جڏهن ته ريتي ۽ ڪرش 3000 هزار روپين تائين واڌ تي وئي آهي اهڙي طرح سريي جي في ٽن قيمت ۾ 35 هزار واڌ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 41 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 08 هزار ڪيوسڪ

ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 74 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 74 هزار 600 ڪيوسڪ آهي

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. گذريل ڏينهن جاري/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سينيٽ ۾ مراد سعيد جي نااهلي سبب خالي ٿيل سيٽ تي چونڊ لاءِ نامزدگي ڪاغذ سومر کان جمع ڪرايا ويندا، پولنگ 23 اپريل تي ٿيندي

اسلام آباد (بيورو) خيبرپختونخوا مان سينيٽر مراد سعيد جي نااهلي سبب خالي ٿيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪارادر ۾ 2 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جي چوري، جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدار شڪيل کان 15.75 ملين رپيا هٿ ڪيا ويا آهن

محمد زوهيب نالي هڪ واپاري جي گودام مان 20 ملين رپين کان وڌيڪ جي چوري ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڪارادر علائقي ۾ عيد جي ٽئين ڏينهن 20 ملين رپين کان وڌيڪ جي چوري ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ناڻي مٽا سٽا جي ذخيره وڌائڻ لاءِ حڪومت جي متبادل پلان تي ڪم شروع

يورو بانڊز ۽ گڏيل عرب امارات کي واجب الادا ادائگين کي پوءِ ناڻي مٽا سٽا ذخيرن کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ نيون تجويزون غور هيٺ آهن

موخر ادائگي تي تيل جي سهولت سبب ادائگي جي هجم کي ڀيٽو ڪرڻ ان جو مدو وڌائڻ تي ڳالهيون جاري

سعودي سان سولر پروجيڪٽ ٽيڪسٽائل سياحت، ليدر، فارما سيوٽيڪل ۽ معدنياتي شعبن ۾ سيڙپڪاري جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي آهي

موجوده سعودي ڊپوزٽ کي به امڪاني دفاعي تعاون پيڪيج حصو بڻائڻ جي تجويز غور هيٺ آهي

ڪراچي (رپورٽر) حڪومت ناڻي مٽا سٽا جا ذخيرو وڌائڻ لاءِ متبادل رٿابندي تي ڪم شروع ڪري ڏنو آهي ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب يورو بانڊز ۽ گڏيل عرب امارات کي واجب الادا ادائگين کي پوءِ ناڻي مٽا سٽا ذخيرن کي ٽيڪ ڏيڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ملڪ ۾ طوفاني برسات، ڪيترن ئي هنڌن تي ٻوڏ

سيالڪوٽ ۽ گوجرانوالا ۾ تيز برساتون ٿيون، مياڻوالي ۾ ڪنڊل چڙووالا ۾ ڪرم درياءَ جو وهڪرو وڌي ويو

ناران، سوات، بابو سرٽاپ ۽ نانگا پربت ۾ وقفي وقفي سان برفباري ٿي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ طوفاني برساتن جو سلسلو جاري آهي. اسلام آباد ۾ ڳڙي پئي ۽ برسات سبب موسم ٿڌي ٿي وئي. ان کان علاوه لاهو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

مهانگو جيٽ فيول، پي آءِ اي جو مختلف شعبن جي ماڻهن کي ملندڙ ڊسڪائونٽ ختم ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) مهانگو جيٽ فيول سبب پي آءِ اي وڏو فيصلو ڪندي مختلف شعبن جي م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

لاهور: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ شادي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ، نوجوان مارجي ويو، عورت زخمي، ڪيس داخل

پوليس فوري ڪارروائي ڪندي هوائي فائرنگ ۾ ملوث هڪ ڏوهاري کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتو

ڪيس ۾ نامزد ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) اورنگي ٽائون سيڪٽر نائن اي ۾ شادي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ نوجوان مارجي ويو هڪ عورت زخمي ٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي ۾ عيد جي ٽهي ڏينهن 2 ڪروڙ چوري وارو مامرو حل، جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪارادر پوليس عيد الفطر جي ٽئين ڏينهن تاجر جي گودام مان 2 ڪروڙ چوري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

وچ اوڀر ۾ جنگ بندي هاڻي اٽل تي چڪي آهي: ڊاڪٽر عشرت العباد خان

پاڪستان سفارتي ذريعن وسيلي بهتر ڪردار ادا ڪري جنگ بندي ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو

دنيا کي هن بحران مان ڪڍڻ ۾ پنهنجو حصو وجهندو

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻو گورنر سنڌ ڊاڪٽر عشرت العباد خان چيو ته وچ اوڀر ۾ جنگ بندي هاڻي ناگزير تي چڪي آهي. ۽ اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

پيٽروليم شين کان پوءِ گيهه ۽ تيل اگهن ۾ ڀاڱي ٽوڙ واڌ جو امڪان

گيهه ۽ تيل جي قيمتن ۾ 100 کان 150 روپيه في ڪلو تائين اضافي جو امڪان

پيٽروليم شين مهانگيون ٿيڻ سان ملن جي لاڳت ۾ اضافو ٿيو آهي

اسلام آباد (بيورو) گيهه ۽ تيل جي قيمتن ۾ اضافي جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. انهي حوالي سان بناسپتي مينو فيڪچرز ايسوسيئيشن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ٺل ۾ نوناري برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ، نينگري مارجي وئي

ٺل (م د) ٺل پرسان نوناري برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ، گولي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

لاهور: ايسٽر جي موقعي تي مسيحي نارڻيون سيلفي ڪندي رهيون آهن

ڪي پي ۾ برساتن سبب 45 ماڻهو فوت ٿيا: پي ڊي ايم اي تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

ڪل 442 گهر تباهه ٿيا، جن مان 382 گهر جزوي طور تي تباهه ٿيا ۽ 60 گهر مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا

متاثرين کي جلد کان جلد امدادي سامان فراهم ڪيو وڃي، پي ڊي ايم اي موجب صوبي ۾ 6 کان 9 اپريل تائين برساتن جو نئون سلسلو جاري رهڻ جو امڪان

برسات دوران بند ٿيل سڀئي فيڊر بحال ڪيا ويا آهن. ڪل 235 پيسڪو فيڊر خراب هئا

پشاور(م. د) صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) خيبرپختونخواهه ۾ 25 مارچ کان ٿيندڙ برساتن جي ڪري ٿيندڙ نقصان جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. پي ڊي ايم اي چيو ته برساتن سبب مختلف حادثن ۾ هاڻي تائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

نمائندا گهرجن

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي

سڄي سنڌ مان نمائندا گهرجن

نمائندگي جا خواهشمند رابطو ڪن

جمهوري سوچ جي ترجمان | ABC CARTL | Daily AWAMI SOACH Karachi | روزاني عوامي سوچ ڪراچي | چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ | ايڊيٽر: سيد گل شاهه

صحافت سان وابسطہ خواهشمند هيٺ ڏنل واٽس ايپ نمبر تي رابطو ڪن

رابطي لاءِ

0300 3924502/ 03072308754

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 06 اپريل 2026ع بمطابق 17 شوال المڪرم 1447ھ

عوام کي جنگين ۽ معاشي بحرانن لاءِ ووٽ ناهي ڏنو

دنيا جي موجوده جنگي ۽ معاشي بحرانن جي ماحول ۾ هڪ خطرناڪ لاڙو تيزي سان زور وٺي رهيو آهي، جتي وڏيون طاقتون ۽ سندن حڪمران پنهنجي طاقت جي مظاهري، جيوپوليٽيڪل مفادن ۽ بالادستي جي خواهش ۾ اهڙا فيصلا ڪري رهيا آهن، جيڪي نه رڳو علائقائي امن کي خطري ۾ وجهن ٿا، پر سڄي دنيا کي انساني بحرانن ڏانهن ڌڪي رهيا آهن اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته دنيا جي حڪمرانن کي هڪ واضح پيغام ڏنو وڃي: اوهان کي عوام ان ڪري ووٽ نه ڏيندو آهي ته اوهان جنگيون ڪريو، رت وهرايو ۽ عوام کي معاشي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃو پر اوهان کي ان ڪري چونڊيو ويندو آهي ته جيئن اوهان امن قائم ڪريو ماڻهن جي زندگي بهتر بڻايو ۽ دنيا کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪريو

جمهوريت جو بنيادي فلسفو ئي عوام جي فلاح ۽ بهبود آهي جڏهن ڪو به حڪمران اقتدار ۾ اچي ٿو ته اهو عوام سان هڪ اڻ لکيل معاهدو ڪندو آهي، هڪ اهڙو معاهدو جنهن ۾ اهو واعدو هوندو آهي ته هو ملڪ جي وسيلن کي عوام جي بهتري لاءِ استعمال ڪندو، روزگار پيدا ڪندو، تعليم ۽ صحت جا معيار بهتر ڪندو ۽ ماڻهن کي محفوظ ۽ پرامن ماحول فراهم ڪندو پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪيترائي عالمي حڪمران هن معاهدي کي وساري ويٺا آهن ۽ پنهنجي سياسي مفادن لاءِ دنيا کي جنگ جي باهه ۾ ڌڪي رهيا آهن

خاص طور تي آمريڪا ۽ پارٽ جي موجوده حڪمرانن جي پاليسين تي نظر وجهجي ته هڪ ڳڻتي جوڳي تصوير سامهون اچي ٿي آمريڪا، جيڪو پاڻ کي دنيا جو سڀ کان وڏو جمهوري ملڪ سڏيندو آهي، اڪثر ڪري ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪري، جنگين کي هٿي ڏئي ۽ پنهنجي مفادن لاءِ عالمي امن کي قربان ڪري ٿو عراق، افغانستان، شام ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿيندڙ تباهين جو ذميوار ڪير آهي؟ انهن جنگين ۾ لکين بيگناهه ماڻهو مارجي ويا، ڪروڙين ماڻهو بي گهر ٿيا، ۽ سڄا سڄا ملڪ اقتصادي طور تي تباهه ٿي ويا پر ڇا انهن جنگين مان عام آمريڪي عوام کي ڪو فائدو ٿيو؟ يقيناً نه

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي اهو سمجهڻ گهرجي ته عالمي پوليس بڻجڻ جي خواهش نه رڳو ٻين ملڪن لاءِ، پر خود آمريڪا لاءِ به نقصانڪار آهي جنگين تي خرچ ٿيندڙ اربين ڊالر جيڪڏهن تعليم، صحت ۽ انفراسٽرڪچر تي خرچ ڪيا وڃن ها ته شايد آمريڪي عوام جي زندگي وڌيڪ بهتر هجي ها پر بدقسمتي سان، طاقت جي نشي ۾ مست حڪمران پنهنجي ئي عوام جي مفادن کي نظرانداز ڪري رهيا آهن ساڳي طرح پارت ۾ وڌندڙ انتهاپسندي ۽ جنگي جنون پڻ انتهائي خطرناڪ آهي انتها پسند جماعت بي جي پي جي انتها پسند وزيراعظم نريندر موديءَ جي پاليسين ۾ نفرت، فرقيواريت ۽ جارحيت صاف نظر اچي ٿي پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپا خراب ڪرڻ، اندروني طور تي اقليتن خلاف سخت پاليسيون اختيار ڪرڻ ۽ مسلسل جنگي بيان بازي ڪرڻ، اهي سڀ عمل هڪ ذميوار حڪومت جي نشاني ناهن هڪ وڏو ملڪ هجڻ جي حيثيت ۾ پارت کي خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي، نه ڪي تڪرارن کي وڌائڻ لاءِ پارت جي وزيراعظم موديءَ کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته جنگي جنون ذريعي شايد عارضي سياسي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا، پر ڊگهي مدي ۾ اهو ملڪ کي اندروني طور ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي جڏهن وسيلن کي تعليم ۽ صحت بدران فوجي خرچن تي ضايع ڪيو وڃي ٿو ته ان جو سڌو اثر عوام جي زندگيءَ تي پوي ٿو بيروزگاري وڌي ٿي، مهانگائي وڌي ٿي ۽ سماجي بيچيني پيدا ٿئي ٿي

دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به ساڳيو رجحان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جتي حڪمران پنهنجين ناڪامين کي لڪائڻ لاءِ جنگي ماحول پيدا ڪن ٿا جڏهن به ڪنهن ملڪ ۾ معاشي بحران پيدا ٿئي ٿو يا عوام حڪمرانن کان سوال ڪرڻ شروع ڪري ٿو ته فوراً ڪو نه ڪو بيروني دشمن پيدا ڪيو ويندو آهي ۽ قومپرستي جي نالي تي عوام جي توجهه اصل مسئلن کان هٽائي ويندي آهي هي هڪ پراڻو ۽ خطرناڪ سياسي حربو آهي، جيڪو اڄ به استعمال ڪيو پيو وڃي پر سوال اهو آهي ته آخر عوام ڪڏهن تائين هن ڌوڪي ۾ ايندو رهندو؟ ڇا عوام کي هاڻي اهو نه سمجهڻ گهرجي ته جنگين جو اصل نقصان انهن کي ئي ٿيندو آهي؟ جڏهن بم ڦاٽن ٿا ته نه رڳو سرحدون، پر گهر، اسڪول، اسپتالون ۽ زندگيون به تباهه ٿين ٿيون جڏهن معيشت ڪمزور ٿئي ٿي ته مهانگائي وڌي ٿي، روزگار ختم ٿين ٿا ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي ٿي وڃي ٿي ان ڪري وقت اچي ويو آهي ته دنيا جو عوام پنهنجن حڪمرانن کان سخت سوال ڪري انهن کان پڇي ته اوهان کي ووٽ ان لاءِ ڏنو ويو هو ته اوهان اسان کي جنگ ۾ وجهو يا ان لاءِ ته اسان کي بهتر زندگي ڏيو؟ اوهان جي ترجيح طاقت جو مظاهرو آهي يا عوام جي فلاح؟

ساڳئي وقت، عالمي ادارن کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو گڏيل قومون ۽ ٻيا بين الاقوامي فورم صرف بيان جاري ڪرڻ تائين محدود نه رهن، پر عملي قدم کڻن ته جيئن دنيا ۾ امن قائم ٿي سگهي وڏين طاقتن کي جوابده بڻائڻ ضروري آهي، چو ته جڏهن طاقتور ملڪ قانون کان مٿانهون ٿي وڃن ٿا ته پوءِ انصاف جو تصور ئي ختم ٿي وڃي ٿو

سو دنيا جي حڪمرانن لاءِ هڪ واضح پيغام آهي: طاقت جو اصل امتحان جنگ ڪرڻ ۾ ناهي، پر امن قائم ڪرڻ ۾ آهي حقيقي قيادت اها آهي جيڪا تڪرارن کي ڳالهين ذريعي حل ڪري، ماڻهن جي زندگين کي محفوظ بڻائي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ بهتر دنيا ڇڏي وڃي اوهان کي عوام ان ڪري ووٽ نه ڏيندو آهي ته اوهان بارود جي بوءِ سان دنيا کي ڀري ڇڏيو پر ان ڪري ڏيندو آهي ته اوهان گلن جي خوشبوءِ سان هن ڌرتي کي مهڪائي ڇڏيو جيڪڏهن اوهان هن بنيادي سچ کي نه سمجهندا ته تاريخ اوهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي، ۽ نه ئي اوهان جو پنهنجو عوام ۽ گڏوگڏ اهو به ياد رکو ته عوام اوهان کي جنگين ۽ معاشي بحران پيدا ڪرڻ لاءِ نه چونڊيو آهي.

آمريڪي صدر جي مايوس ڪندڙ تقرير ۽ جنگبندي وارو معاملو

مبصر

آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گذريل رات قوم سان خطاب ڪيو. اميد ڪئي پئي وئي ته هو هن تقرير ۾ ايران خلاف جنگ بندي بابت ڪو اعلان ڪندو يا ايراني اڳواڻن سان سڌي يا اڻ سڌي ڳالهين بابت ڪا اڳيرائي ٻڌائيندا. پر هو انهن ٻنهي اهم معاملن تي ڳالهائڻ ۾ ناڪام رهيا. مبصرن ۽ خبرن جي ذريعن جو خيال آهي ته صدر جي تقرير گذريل ڪجهه ڏينهن دوران سماجي رابطن جي ذريعن تي لکيل پيغامن جو ورجاءُ هئي. اهو به اندازو لڳايو پئي ويو ته شايد هو اولهه جي فوجي اتحاد سان آمريڪا جي لاڳاپن بابت ڪو سخت اعلان ڪندا. پر هن موضوع تي به هن هڪ لفظ به نه چيو. البته هن ڪيترائي ڀيرا ورجايل دعويٰ ٻيهر ورجائي ته ايران کي تباهه ڪيو ويو آهي ۽ آمريڪا پنهنجي حڪمت عملي وارن مقصدن حاصل ڪرڻ جي بلڪل ويجهو آهي.

حقيقت ۾ انهن مقصدن ۾ بنيادي مسئلو ايران جي وڌايل يورينيم بابت هو، ۽ ٻيو اهم سوال هرمز واري سامونڊي گذرگاهه کولڻ بابت هو ته ايران کي ان لاءِ ڪيئن راضي يا مجبور ڪيو وڃي. ٽرمپ جي تقرير ۾ هن سوال جو ڪو واضح جواب موجود نه هو. هن رڳو اهو چيو ته جيڪڏهن جنگ بند ٿي وئي ته هرمز وارو سامونڊي رستو پاڻمرادو کلي ويندو. حقيقت ۾ اهو بيان آمريڪي صدر جي ڪمزوري يا هڪ قسم جي شڪست جي اعتراف وانگر لڳي ٿو، ڇاڪاڻ ته آمريڪا پنهنجي وڏي بحري طاقت هوندي به هن سامونڊي گذرگاهه کي کولڻ جو حوصلو نٿو رکي. صدر ٽرمپ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته هاڻي ڪين هرمز وارو سامونڊي رستو کولڻ ۾ ڪا خاص دلچسپي ناهي، ڇاڪاڻ ته آمريڪا کي هن

رستي جي ضرورت ئي ناهي. گذريل ڏينهن برطانيا ۽ ٻين يورپي ملڪن کي مخاطب ڪندي هن چيو هو ته اهي يا ته آمريڪا کان تيل خريد ڪن يا پاڻ وڃي هرمز واري رستي مان تيل حاصل ڪن. سياسي طور تي ان کي مختلف انداز سان پيش ڪري سگهجي ٿو، پر عملي طور تي اهو ظاهر ڪري ٿو ته آمريڪا وٽ هرمز وارو سامونڊي رستو کولائڻ جو ڪو مؤثر طريقو موجود ناهي.

ساڳئي طرح صدر پنهنجي تقرير ۾ ايران کي ڏنل پندرهن مطالبن بابت به تفصيل بيان ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا. خاص طور تي وڌايل يورينيم جي حوالي سان. صدارتي محل اڃا تائين انهن پندرهن نقطن جي مڪمل وضاحت جاري نه ڪئي آهي، پر خبرن جي ذريعن ۾ انهن بابت ڪجهه معلومات سامهون اچي چڪي آهي. انهن ۾ ايران کان يورينيم وارو پروگرام ڇڏڻ، هرمز وارو سامونڊي رستو کولڻ ۽ هٿياربند ساٿي گروهن کان لاتعلقي اختيار ڪرڻ جا مطالبا شامل هئا. ٽرمپ پنهنجي خطاب ۾ انهن مطالبن کي به ٻيهر نه ورجايو.

هن وقت ظاهري طور ايران خلاف آمريڪي جنگ ٻن بنيادي سببن ڪري جاري آهي. پهريون ته اسرائيل جي وزيراعظم جي قيادت هيٺ حڪومت مسلسل دٻاءُ وجهي رهي آهي ته جنگ جلد ختم نه ڪئي وڃي. ٻيو سبب اهو آهي ته ايران مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جي حملي کان تحفظ جي ضمانت ڪانسواءِ جنگ بند ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان سان گڏوگڏ آمريڪا وٽ گڏيل عرب امارات ۽ ٻين ننڍين خليجي رياستن جي خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ به ڪو واضح حل نظر نٿو اچي. انهن رياستن کي ايران خلاف جنگ جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي آهي، ۽

ڪجهه حڪمرانن کي خدشو آهي ته مستقبل ۾ انهن کي پنهنجي آمريڪا نواز پاليسين جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو.

خليجي رياستن جي ابتڙ سعودي عرب جنگ بندي جو حامي نظر اچي ٿو. اسلام آباد ۾ ترڪي، مصر ۽ پاڪستان جي پرڏيهي وزيرن سان گڏ سعودي پرڏيهي وزير جي ملاقات مان به اهو اشارو ملي ٿو. جيتوڻيڪ رياض ڪان ڪو صاف بيان سامهون نه آيو آهي، پر ٽرمپ پاران سعودي ولي عهد بابت سخت لفظن مان لڳي ٿو ته سعودي قيادت آمريڪي حملن ۽ انهن جي نتيجن سان مڪمل طور متفق ناهي. ڪجهه خبرن جي ابتڙ هاڻي اهڙا اشارا ملي رهيا آهن ته سعودي عرب پنهنجي سلامتي لاءِ آمريڪا تي مڪمل ڀروسو نٿو ڪري. ٻئي طرف ٻين عرب ملڪن طرفان اهڙا واضح اشارا نه ملي رهيا آهن، جنهن ڪري جنگ ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ حالتن جي تصوير ڪافي پيچيده ۽ غير واضح آهي.

ان وچ ۾ ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان هڪ ڀيرو ٻيهر چيو آهي ته ايران هرمز واري سامونڊي رستي مان جهازن کي گذرڻ جي اجازت ڏئي رهيو آهي. صرف انهن جهازن کي روڪيو پيو وڃي جن جو تعلق حملي ڪندڙ ملڪن سان آهي. ساڳئي وقت پاڪستان ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ بندي لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن. پاڪستان جي نائب وزيراعظم پنهنجي چيني هم منصب سان ملاقات بعد وطن موٽي آيا آهن. ان ملاقات ڪانپوءِ چين به امن جي ڪوشش ۾ نمايان طور شامل ٿي ويو آهي. ٻنهي ملڪن امن لاءِ پنج نقطا پيش ڪيا آهن، جن ۾ جارحيت جو فوري خاتمو ۽ هرمز

واري سامونڊي رستي مان آزادانه اچ وڃ يقيني بڻائڻ شامل آهي.

جيڪڏهن صدر ٽرمپ جي تقرير مان ڪو مثبت پهلو ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته اهو شايد اهو آهي ته آمريڪا اڃا تائين جنگ بندي چاهي ٿو ۽ ايران سان ڪو ٺاهه ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جيڪڏهن آمريڪا بنا ڪنهن ٺاهه جي جنگ ختم ڪري ڇڏي ته ايران کي مستقبل ۾ ٻيهر ڪنهن نئين جنگ جو خطرو رهي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ اسرائيل جا حملا جاري رهي سگهن ٿا يا علائقي جا ڪجهه ٻيا ملڪ به جنگ ۾ شامل ٿي سگهن ٿا، جنهن سان حالتون وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري ايران جي مفاد ۾ اهو ٿي سگهي ٿو ته آمريڪا سان ڪنهن باضابطه ٺاهه تحت جنگ بندي ٿئي، جيئن مستقبل ۾ حملن کان بچاءُ ٿي سگهي. ٽرمپ لاءِ به اهڙو ٺاهه ضروري ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو ان کي آمريڪا جي مڪمل فتح طور پيش ڪري سگهن ٿا.

ٽرمپ جي تقرير کان اڳ ايران جي صدر مسعود پزشڪيان آمريڪي عوام جي نالي هڪ کليل خط لکيو هو. ان خط ۾ هن واضح ڪيو ته ايران آمريڪا جو دشمن ناهي ۽ نه ئي آمريڪا لاءِ خطرو آهي. ايران ڪڏهن به جارحيت ۾ پهل نه ڪئي آهي. ايران جنگ نٿو چاهي، پر جيڪڏهن حملو ڪيو وڃي ته هو پنهنجو دفاع ڪندو. هن آمريڪي عوام کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ڏسن ته هن جنگ مان ڪين ڪهڙو فائدو حاصل ٿيو آهي. هن خط ذريعي ايران امن جي خواهش جو اظهار ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت اهو به واضح ڪيو آهي ته هو پنهنجي خودمختياري ۽ وقار تي ڪو سمجهوتو نه ڪندو.

پيٽروليم جي قيمتن ۾ ريڪارڊ واڌ جو ڪو جواز ناهي

سيد مجاهد علي

ايران جي جنگ سبب پيدا ٿيل حالتن جي ڪري پاڪستان ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ اوچتو وڏو اضافو ڪيو ويو آهي. حڪومت عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن جو حوالو ڏئي ان جو جواز پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جڏهن ته مخالف سياسي پارٽيون ان کي حڪومت جي نااهلي ۽ ناڪام معاشي پاليسين جو ثبوت قرار ڏئي رهيون آهن. تحريڪ انصاف هن معاملي تي هاڻي آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي.

هن واڌ کان پوءِ سڄي ملڪ ۾ سخت مايوسي ۽ پريشاني جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي، پر بدقسمتي سان ڪو به اها ضمانت نٿو ڏئي سگهي ته پيٽروليم شين ۾ وڌيڪ واڌ نه ٿيندي. جيڪڏهن ايران جي جنگ جاري رهي ۽ آبنائي هرمز جو تڪرار حل نه ٿيو ته عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جون قيمتون وڌنديون رهنديون، جڏهن ته ان جي فراهمي به مسئلن جو شڪار رهندي. اهڙي طرح رسد ۽ طلب جي وچ ۾ وڌندڙ عدم توازن سبب دنيا ڀر ۾ عام صارفين کي اهي شيون وڌيڪ مهانگيون ملنديون.

هن حد تائين پاڪستان جي حڪومت کي مڪمل طور قصوروار قرار نٿو ڏئي سگهجي. ملڪ ۾ تيل جي پيداوار تمام محدود آهي ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ قيمتن تي پاڪستان جو ڪو ڪنٽرول ناهي. فيبروري جي آخر ۾ ايران تي حملي کان اڳ عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جي قيمت 77 آمريڪي ڊالر في بيرل هئي، پر هاڻي اها وڌي 111 ڊالر في بيرل تي پهچي چڪي آهي. شروعاتي ڏينهن ۾ حڪومت ان اميد تي ته جنگ جلد ختم ٿي ويندي، قيمتن ۾ وڏو اضافو نه ڪيو مارچ جي شروعات ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل تي 55 رپيا في ليٽر واڌ بعد اهو تاثر ڏنو ويو ته ملڪ وٽ چار هفتن جو اسٽاڪ موجود آهي، تنهڪري هي ڏکيو وقت بغير وڏي پريشاني جي گذري ويندو. پر ان وقت اهو اندازو نه لڳايو ويو ته جنگ ڊگهي ۽ تباهه ڪن ٿي سگهي ٿي ۽ هر ايندڙ ڏينهن سان جنگ بندي وڌيڪ ڏکيو ٿيندي نظر ايندي. گذريل ڏينهن تيل اضافو حڪومت طرفان ان حقيقت جو اعتراف آهي ته عالمي قيمتن ۽ فراهمي جي صورتحال تي ان جو ڪنٽرول ناهي.

هر سال دنيا ۾ تيل جي فراهمي جو لڳ ڀڳ ويهه سيڪڙو آبنائي هرمز جي رستي پنهنجي منزل تائين پهچي ٿو هي تيل عام طور پاڪستان سميت گهڻن ايشيائي ملڪن ڏانهن ويندو آهي. عرب ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ تيل گهڻو ڪري آبنائي هرمز جي رستي ئي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيندو آهي. ايران جي جنگ سبب هڪ طرف آبنائي هرمز بند ٿيڻ ڪري تيل جي فراهمي ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن ته ٻي طرف ڪوٽ سبب تيل جي مارڪيٽ قيمت روزانو تبديل ٿي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ هر ملڪ صرف ان حد تائين يقين سان ڪجهه چئي سگهي ٿو جيترو اسٽاڪ سندس پنهنجي اسٽوريج ۾ موجود هجي. پاڪستان ۾ ڪمزور انفرااسٽرڪچر ۽ محدود مالي وسيلن سبب حڪومت چاهي به ته ملڪ جي ضرورتن مطابق تيل وڏي مقدار ۾ ذخيرو نٿي ڪري سگهي. چين جهڙو وڏو ملڪ به تيل جو وڏو ذخيرو رکي ٿو پر جيڪڏهن سپلاءِ لائن بند ٿي وڃي ته اهو ذخيرو به ڪجهه مهينن ۾ ختم ٿي سگهي ٿو

تيل جي قيمتن ۾ اضافو صرف هن شعبي تائين محدود نه هوندو، پر ان سان گڏ گهڻيون ضروري شيون به مهانگيون ٿي وينديون آهن. پاڪستان توانائي جي فراهمي لاءِ درآمد ٿيل گئس تي به ڀاڙيندو آهي، تنهڪري گئس جي قيمتن ۾ اضافو تيل سبب پيدا ٿيندڙ مهانگائي کان علاوه ٿيندو. ملڪ جي اڪثر ماڻهن کي پراڻي آمدني ۽ محدود وسيلن سان هن اوچتي صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو. تنهنڪري قيمتن ۾ واڌ سبب بيچيني ۽ تشويش پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. البته هن مسئلي کي صرف سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ استعمال ڪرڻ سان ڪو فائدو حاصل نه ٿيندو. چوته هي اهڙا معاملا آهن جن جو سڌو تعلق ڪنهن هڪ حڪومتي پاليسي سان ناهي. هن وقت تيل جي قيمتن تي شور مچي رهيو آهي، پر جيڪڏهن آبنائي هرمز بند رهي ته ڪيترين ٻين استعمالي شين جي فراهمي به متاثر ٿي سگهي ٿي، جن ۾ خاص طور پاڻ ۽ ٻيون زرعي ۽ صنعتي شيون شامل آهن. جنگ جي ڊگهي ٿيڻ سان پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي معاشي مشڪلاتن ۾ ناقابل برداشت حد تائين اضافو ٿي سگهي ٿو.

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي خلاف احتجاج ڪندڙ عام طور ٻن نقطن ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا. پهريون اهو ته چيو وڃي ٿو ته ايران پاڪستاني جهنڊي وارن آئل ٽينڪرن کي آبنائي هرمز مان گذرڻ جي

اجازت ڏئي رهيو آهي، تنهڪري سوال اٿاريو وڃي ٿو ته پوءِ پاڪستان ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو جواز ڇا آهي؟ ٻيو اعتراض تيل ۽ ڊيزل تي لاڳو سرڪاري ٽيڪسن بابت ڪيو ويندو آهي، جن سبب اصل قيمت صارف تائين پهچندي پهچندي ٻيڻي کان به وڌيڪ ٿي وڃي ٿي. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن تيل مهانگو ٿي ويو آهي ته حڪومت کي انهن شين تي ٽيڪس ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي ته جيئن عام ماڻهن کي وڌيڪ تڪليف نه ٿئي. هن بيانئي موجب حڪومت جيڪي ٽيڪس وصول ڪري ٿي، اهي اڪثر سرڪاري عياشين تي خرچ ٿيندا آهن، تنهڪري انهن کي ختم ڪرڻ گهرجي. پر اهڙو موقف حقيقتن سان مڪمل طور هم آهنگ ناهي. دنيا جي تقريباً سڀئي حڪومتون تيل جي شين تي ٽيڪس لاڳو ڪن ٿيون ته جيئن سرڪاري خرچ ۽ فلاحي منصوبن لاءِ وسيلا مهيا ڪري سگهجن. ڪجهه امير ملڪن هن تازي بحران دوران ٽيڪسن ۾ عارضي رعايت ڏني آهي، پر پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ اهڙي رعايت ڏيڻ آسان ناهي. هڪ ته عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) شايد ان جي اجازت نه ڏئي، ۽ ٻيو ته حڪومتي خرچ پورا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ قرض وٺڻا پوندا، جيڪو عملي طور مناسب پاليسي نه ٿيندي. پاڪستان ۾ في ماڻهو آمدني ٽيڪس جي شرح تمام گهٽ آهي ۽ اڪثر شهري انڪم ٽيڪس ڏيڻ کان پاسو ڪن ٿا، تنهڪري حڪومت کي متبادل ٽيڪسن تي ڀاڙڻو پوي ٿو.

ناروي هڪ امير ملڪ آهي ۽ پاڻ به تيل پيدا ڪري ٿو پر اتي به پيٽروليم شين جون قيمتون مارڪيٽ مطابق طئي ٿين ٿيون. حڪومت مخالف ڌرجي زور باوجود تيل تي ٽيڪس گهٽائڻ لاءِ تيار نه هئي، پر پارليامينٽ ۾ هڪ اتحادي پارٽي جي حمايت سان هڪ تجويز منظور ٿيڻ بعد حڪومت کي مجبوراً پيٽرول جي قيمت ۾ 4 ڪرونر ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ 3 ڪرونر گهٽتائي ڪرڻي پئي. عام طور تي اهڙن ٽيڪسن کي قومي آمدني جو اهم ذريعو سمجهيو ويندو آهي. انهن اضافي خرچن ۾ ڪسٽمز، ٽرانسپورٽ ۽ منافعو وغيره شامل هوندو آهي. تنهڪري جيڪي ماڻهو پاڪستان ۾ تيل جي في بيرل عالمي قيمت کي سڌو رپين ۾ تبديل ڪري حڪومت جي "لوٽ مار" بابت ماڻهن کي آگاهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهو سراسر پروپيگنڊا آهي

۽ زميني حقيقتن سان ڪو خاص تعلق نٿو رکي. ساڳئي طرح پاڪستاني جهنڊي سان آبنائي هرمز مان گذرندڙ جهازن بابت به اها غلط فهمي پيدا ڪئي وئي آهي ته اهي سڀ آئل ٽينڪر هئا ۽ سڌو پاڪستان اچي رهيا هئا، جڏهن ته حقيقت ائين ناهي. اهي ٽينڪر تيل ڪان علاوه مختلف شيون کڻي مختلف ملڪن ڏانهن وڃي رهيا هئا. پاڪستاني جهنڊي سان گذرڻ جي اجازت ڏئي ايران جي حڪومت دراصل پاڪستان جي جنگ بندي لاءِ ڪوششن سان همدردي جو اظهار ڪيو هو حڪومت کي گهرجي ها ته هو پنهنجي عوام کي ان بابت حقيقي صورتحال کان آگاهه ڪري ها.

بدقسمتي سان وزيراعظم، وزيرن ۽ سرڪاري ترجمانن جا بيان اڪثر سياسي نوعيت جا هوندا آهن. انهن ۾ حڪومتي ڪوششن کي وڌائي پيش ڪيو ويندو آهي ۽ عوام کي اصل صورتحال بابت اعتماد ۾ نه ورتو ويندو آهي. ايران جي جنگ پاڪستان لاءِ هڪ وڏو معاشي چيلينج بڻجي سامهون آئي آهي. ان سبب ملڪ ۾ مهانگائي وڌندي ۽ استعمالي شين جي کوٽ سبب ڪجهه شيون ناياب به ٿي سگهن ٿيون. اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت کي قومي حڪمت عملي ناهڻ ۽ عوام کي اعتماد ۾ وٺڻ جي ضرورت هئي. ان جي شروعات سرڪاري سطح تي بچت مهم کان ٿي سگهي ٿي. پر پاڪستان ۾ سرڪاري عهديدارن جي سفر، سهولتن ۽ طرز زندگي ۾ ڪا خاص تبديلي نظر نٿي اچي. بچت بابت اعلان به اڪثر نمائشي يا نعري تائين محدود هوندا آهن. جنهن ڪي انتظامي نااهلي ۽ سياسي غير سنجيدگي چيو ويندو.

موجوده معاشي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت کي عوام سان رابطن جي مهم تيز ڪرڻي گهرجي، معلومات کلي عام مهيا ڪرڻ گهرجي ۽ اسلام آباد ۽ صوبائي گادي وارن شهرن ۾ حڪومتي اهلڪارن جي طرز زندگي ۾ نمايان سادگي نظر اچڻ گهرجي. تڏهن ئي حڪومت اعتماد سان عوام کي اپيل ڪري سگهي ٿي ته جنگ سبب پيدا ٿيل مشڪل حالتن ۾ قومي يڪجهتي جو مظاهرو ڪيو وڃي. جيڪڏهن رڳو نعرا هڻيا ويندا ۽ عوام کي حقيقتن کان اڻڄاڻ رکيو ويندو ته انهن ڏکين ڏينهن ۾ ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ وارن جي ڪوٽ نه هوندي.

بقايا 01 ***

شعاري ۽ سادگي وارن قدمن کي لاڳو ڪرڻ واري رپورٽ پيش ڪئي. اجلاس کي سبسڊي فراهمي ۽ اڳيرائي سان گڏوگڏ ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي ذخيرن ۽ کپت تي به بريفنگ ڏني وئي. انهي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته مسافر بسن کي هڪ لک روپيه ماهوار سبسڊي فراهم ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته مني بس ۽ ويگنن کي 40 هزار روپيه ماهوار، مال بردار گاڏين کي 80 هزار ۽ ڊيليوري وينن کي 35 هزار روپيه سبسڊي ڏني پئي وڃي. هن ٻڌايو ته عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ اضافو روڪڻ لاءِ ٽرڪن کي 70 هزار روپيه ماهوار سبسڊي ڏني پئي وڃي. نظام ۾ شفافيت لاءِ اها رقم ڊيجيٽل والٽس جي ذريعي فراهم ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته بلوچستان حڪومت قومي پيڪيج جي طئي ٿيل رقم جمع ڪرائي ڇڏي آهي جيڪو تعريف جوڳو قدم آهي. اميد آهي ته ٻيا صوبا به انهي پيڪيج جي لاءِ جلد کان جلد طئي ٿيل رقم جمع ڪرائيندا. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته گذريل ٽن هفتن ۾ 128 ارب روپين جو عوامي رليف پيڪيج ڏنو ويو. مشڪل جي هن گهڙي ۾ ڪنهن به صورت ۾ عوام کي اڪيلو نٿا ڇڏي سگهون. پيٽرول ليوي ۾ فوري طور تي 80 روپيه في ليٽر جي گهٽتائي ڪري عوام کي رليف ڏنو ويو. هن ٻڌايو ته پاڪستان ريلوي 6 ارب روپين جي سبسڊي فراهم ڪري رهي آهي، مسافر ٽرين ۽ مال گاڏين جي ڀاڙن ۾ ڪنهن به قسم جو اضافو نه پيو ڪيو وڃي. ٽول ٽيڪس ۾ ته ماهي 25 سيڪڙو اضافو به واپس ورتو ويو آهي. شهباز شريف چيو ته مشڪل وقت ۽ جهيتري قدر ممڪن ٿي سگهي ٿو عوامي رليف جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. ملڪ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ پيٽروليم شين جا مناسب ذخيرا موجود آهن.

بقايا 02 ***

ديو ۾ ڊيڪاريو ويو آهي ته ميزائل حملو راڄڌاني تل ابيب تي ڪيو ويو جنهن مان ڌماڪو ٿيو ۽ دونهون اٿيو. آمريڪا تباهه ٿيل جهاز مان فرار ٿيندڙ پائلٽ کي مارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، ايراني ميڊيا ايراني فوج دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪا، جيڪو بچاءُ جي مشن ۾ ناڪام ٿيو هو، هاڻي پنهنجي پائلٽ کي مارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جيڪو تباهه ٿيل جهاز مان نڪري ۽ ايران ۾ لينڊ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ايراني ميڊيا موجب، فوجي ذريعن جو چوڻ آهي ته آمريڪا اڄ ڪوهگلويه شهر جي ساڳئي علائقي تي ڪيترائي ڀيرا بمباري ڪئي آهي جتي ايراني فوج به ڏينهن اڳ آمريڪي جهاز کي تباهه ڪيو ۽ آمريڪي پائلٽ فرار ٿي ويو هو.

بقايا 03 ***

۾ رهندڙ عيسائي شهرين ۽ دنيا جي عيسائي برادري کي دلي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته هي ڏينهن رحم، اميد، تجديد، ٻيهر جنم، تازگي، نجات، موت تي زندگي جي فتح ۽ برائي تي نيڪي جي فتح جو واضح پيغام ڏئي ٿو صدر چيو آهي ته پاڪستان ۾ اهي قدر صرف نظرياتي نه آهن پر عملي زندگي ۾ نظر اچن ٿا. عيسائي مرد ۽ عورتون اسان جي اسڪولن، اسپتالن، سرڪاري خدمتن ۽ هٿياربند فوجن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته عيسائي خاندان هن ڏينهن کي عبادت ۽ باهمي رابطي ذريعي ملهائيندا آهن. انهن جون خدمتون اسان جي سماج جي عام نظام جو حصو آهن ۽ اهي سڄائپ ۽ احترام جا مستحق آهن. پاڪستاني عيسائين کي ملڪ لاءِ انهن جي خدمتن جي ڪري عزت ۽ تعريف جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي. صدر آصف زرداري چيو ته اڄ به اسان وٽ پنجاب اسيمبلي جي عيسائي اسپيڪر ايس پي آهي. اسان پاڪستان جي قيام ۾ سنگهاڻي تاريخي ڪردار کي ياد ڪريون ٿا. ۾ پاڪستان 1965 جي جنگ ۾ سيسل چوڌري جي بهادري واري ڪردار کي به ياد ڪريون ٿا قائداعظم رياست لاءِ هڪ واضح هدايت مقرر ڪئي هئي، جيڪا مذهب ۽ نسل کان سواءِ سڀني شهرين لاءِ برابري، آزادي ۽ سلامتي تي ٻڌل آهي. اهي اصول پاڪستان جي آئين ۾ شامل آهن. جيڪي هر شهري کي برابري جي حق ۽ سلامتي جي ضمانت ڏين ٿا. صدر چيو ته مان ورجايان ٿو ته رياست جي ذميواري آهي ته اها يقيني بڻائي ته پاڪستان ۾ سڀئي برادريون انهن حقن مان مڪمل طور تي فائدو حاصل ڪن. حڪومت اقليتي برادرين جي جان، مال، عزت ۽ سلامتي ۽ انهن جي ڀلائي جي حفاظت لاءِ پرعزم آهي. هن وڌيڪ چيو ته هن موقعي تي، مان سڀني شهرين تي زور ڏيان ٿو ته هڪ ٻئي سان رواداري، احترام ۽ ذميواري سان پيش اچن. هڪ مضبوط ۽ مستحڪم سماج ان تي منحصر آهي ته اسان روزاني زندگي، ڪم جي جڳهن، پاڙن ۽ ادارن ۾ هڪ ٻئي سان ڪيئن سلوڪ ڪريون ٿا. وزيراعظم شهباز شريف ايسٽر تي عيسائي برادري کي دلي مبارڪباد ڏيندي خاص پيغام ۾ چيو ته هو دعا ڪري ٿو ته اڄ جو ڏينهن سڄي دنيا ۾ امن، استحڪام ۽ خوشحالي آڻي. موجوده حالتن ۾،

مذهبن جي امن جي تعليم جي اهميت وڌي وئي آهي. وزيراعظم قرباني، معافي، رواداري ۽ ڀائيچاري جي فروغ تي زور ڏيندي چيو ته ملڪ جي ترقي ۾ عيسائي برادري جو فعال ڪردار فخر جوڳو آهي. ۽ اقليتن جي مذهبي، معاشي ۽ تعليمي حقن جو تحفظ حڪومت جي ترجيح آهي. وزيراعظم قومي اتحاد ۽ ترقي لاءِ گڏيل ڪوششن جي عزم کي ورجايو.

بقايا 04 ***

وڌيڪ ڪٽوتين تي غور ڪري رهي آهي. ذريعن موجب توانائي بابت قائم ڪميٽي جي تازي اجلاس ۾ گئس راشن بندي جي تجويز پيش ڪئي وئي پر وفاقي وزيرن انهي جي سخت مخالفت ڪندي چيو ته اهڙي قدم سان عوام ۾ بيچيني پکڙجي سگهي ٿي ۽ سياسي نقصان ٿي سگهي ٿو انهن ڊگهي پڇڻي سگهي ٿو حڪومت طرفان اڳ ئي عوامي رد عمل کان بچڻ لاءِ پيٽرول جي لڳايل 160 روپيه في ليٽرليوي ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي. هن وقت گهريلو صارفين کي صرف ماني پچائڻ جي وقت ۾ گيس فراهم ڪئي پئي وڃي، پر ان باوجود اختياريون هڪ ڪلاڪ وڌيڪ گهٽتائي تي غور ڪري رهيون آهن. ذريعن موجب قطر ڪان ايل اين جي فراهمي معطل ٿيڻ سبب ملڪ ۾ گيس بحران وڌيڪ سنگين ٿي ويو آهي. هڪ ايل اين جي ٽرمينل اڳ ئي بند آهي جڏهن ته ٻيو به محدود گيس فراهم ڪرڻ ڪان پوءِ بند ٿي چڪو آهي. اجلاس ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته سي اين جي اسٽيشن لاءِ گيس دستياب نه آهي جڏهن ته مقامي گيس جي فراهمي اڳ ئي ڪوٽ سبب محدود ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ خوراڪ واري وزير پاڻ جي ڪوٽ کي نظر ۾ رکندي گيس کي گهريلو صارفين کان هٽائي فرٽيلائيزر پلانٽ کي ڏيڻ جي تجويز ڏني پر ٻين وزيرن انهي جي مخالفت ڪئي. ٻئي طرف گرمين ۾ بجلي جي طلب وڌڻ سان ايل اين جي جي به ضرورت ۾ به اضافي جو امڪان آهي. جڏهن ته عالمي منڊي ۾ ايل اين جي جون قيمتون به فرنس آئل جي برابر پهچي چڪيون آهن.

بقايا 05 ***

ٿي چڪي آهي جنهن تعميرهيٺ منصوبن جي لاڳت ۾ غير معمولي اضافو ڪري ڇڏيو آهي ٻئي پاسي ماڊرن ماڊوتي شعبي سان لاڳاپيل مستري ۽ مزدورن ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب پنهنجي اجرت وڌائي ڇڏي آهي رازي جي روزاني ڏهاڙي 2500 مان وڌي 3 هزار ٿي وئي آهي جڏهن ته مزدورن جي ڏهاڙي 1500 روپيا ٿي وئي آهي ٺيڪيدارن ۽ بلڊرز چيو ته ڊيزل مهانگو ٿيڻ سان ٽرانسپورٽيشن جا خرچ وڌي ويا آهن جنهن جو اثر اڏاوتي سامان جي قيمت تي پيو آهي.

بقايا 06 ***

لاءِ نيون تجويزون غور هيٺ آهن ان ڏس ۾ سعودي ڪان وڌيڪ ڊيپوزٽ حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي وئي آهي جڏهن ته موخر ادائگي تي تيل جي سهولت سبب آدائگي جي هجم کي ٻيڻو ڪرڻ جو مدو وڌائڻ تي ڳالهيون جاري آهن سعودي جي سولر پروجيڪٽ ٽيڪسٽائل سياحت، ليدر، فارما سيوٽيڪل ۽ معدنياتي شعبن ۽ سيڙپڪاري جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي آهي اختياري مطابق موجوده سعودي ڊيپوزٽ کي ٻه امڪاني دفاعي تعاون پيڪيج حصو بڻائڻ جي تجويز غور هيٺ آهي ان حوالي سان آخري معاهدو ناهي ٿيو مجموعي طور تي سعودي سان 5 ارب ڊالر جي مالي سهڪاري پيڪيج تي ڳالهيون جاري آهن.

بقايا 07 ***

اٿهن کي ملندڙ ڊسڪائونٽ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ذريعن موجب پي آءِ اي اسٽوڊنٽ سينيئر سٽيزن، جرنلسٽ، رٽائرڊ ملٽري پرسن، اي ايس ايف اهلڪارن کي ملندڙ ڊسڪائونٽ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ترجمان تصديق ڪندي ٻڌايو ته پي آءِ اي سموري قسم جي رعايت جوٽ واپس وٺي ڇڏي آهي هي فيصلو ٻارڻ جون قيمتون معمول تي اچڻ تائين ڪيو ويو آهي مهانگي جيٽ فيول سان پي آءِ اي تي خرچن جو دٻاءُ آهي.

بقايا 08 ***

جو معاملو حل ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ڊيڊ ڪروڙ هٿ ڪري ورتا خبر موجب ايس ايس پي ڊسٽرڪٽ سٽي علي حسن موجب چوري عيد الفطر جي ٽئين ڏينهن محمد زوهيب تاجر جي گودام مان ٿئي هئي گرفتار جوابدار جو سڃاڻپ شڪيل جي نالي سان ڪئي وئي هن ٻڌايو ته اطلاع ملڻ تي ايس ايچ او خارادر پن ڪمار ڳجهن ذريعن کان ملندڙ اطلاع تي ڪامياب ڇاپي دوران جوابدار جو پتو لڳائي گودام مان چوري ٿيل 2 ڪروڙ روڪ رقم مان هڪ ڪروڙ 57 لک 50 هزار هٿ ڪري ورتا جوابدار کي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ گودام مان ٻورو کڻي ويندي ڏٺو ويو جوابدار اونداهي سبب سڃاڻپ ۾ نه اچي سگهيو هو جوابدار بولٽن مارڪيٽ ۾ گودام ۾ ڇت تان گهڙيو هو جنهن ميز خانو ڀڃي ان مان رکيل 2 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ رقم چوري ڪري پيسا

ٻوري ۾ ڀري ڪٺي ويو هو ڪيس جي مدعي روڪ رقم هٿ ڪرڻ تي ايس ايچ او خارادر ۽ ان جي ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ڊي آءِ جي سائوٿ ۽ ايس ايس پي ڊسٽرڪٽ سٽي ايس ايچ او ۽ ان جي ٽيم جي ڪارڪردگي ساراهيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 09 ***

لڳڻ سبب نينگري مارجي وئي ٽل پرسان بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ رسول بخش نوناري ۾ نوناري برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران گولي لڳڻ سبب نينگري ياسمين نوناري قتل ٿي وئي، زخمي نينگري کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ويئي، ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو.

بقايا 10 ***

ن سفارتي ذريعن وسيلي بهتر ڪردار ادا ڪري جنگ بندي ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو ۽ دنيا کي هن بحران مان ڪڍڻ ۾ پنهنجو حصو وجهندو هن وزيراعظم پاران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي کي به سٺو قدم قرار ڏنو هن احتجاج ۽ ان جي آڙ ۾ سياست ڪندڙن کي خبردار ڪيو ته ملڪ کي عدم استحڪام ڏانهن نه وٺي وڃن ۽ ملڪ خلاف سازشن کان پاسو ڪن هن چيو ته ملڪ جي قسمت بيانن ۽ نفرت واري سياست سان نه پر ترقي ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ سان بدلجي ٿي هن اهي ڳالهيون اندرون سنڌ جي مختلف شهرن جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبرن سان خطاب ڪندي ڪيون، جن ۾ ٺٽو، سڄاول، پڊعيدن، ملي، خيرپور، نوشهرو فيروز، مورو، قاضي احمد، نوابشاهه، سڪرنڊ، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، جوهي، روهڙي ۽ جيڪب آباد شامل هئا سنڌ ۾ گورنس تي تنقيد ڪندي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي 18 سالن جي حڪومت باوجود گورڪ هِل اسٽيشن کي مري وانگر ترقي نه ڏني وئي هن چيو ته گورک هِل کي هڪ وڏو سياحتي مرڪز بڻائي سگهجي پيو، جنهن سان سنڌ جي ثقافت ۽ معيشت کي هٿي ملي ها هن وڌيڪ چيو ته ڪي ڏينهن ڪنهن باوجود بدانتظامي ۽ امن امان جي خراب صورتحال سبب ترقي نه ٿي سگهي آهي هن لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي، سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريندي ڪرپشن ۽ ترقي جي ڪوٽ جا الزام هنيا هن ڪراچي، جيڪب آباد ۽ ڪشمور جهڙن شهرن جي حالتن تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ چيو ته هتي ترقي نظر نٿي اچي هن جماعت اسلامي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن تي به تنقيد ڪندي چيو ته هو احتجاج بدران عوام جي خدمت تي ڌيان ڏين هن خبردار ڪيو ته عوام پاڻ انهن ڪان احتساب وٺي سگهي ٿو آخر ۾ هن چيو ته نفرت واري سياست کي ختم ڪيو وڃي ۽ الله جي رضا لاءِ سچي خدمت ڪئي وڃي هن هڪ متحد ۽ ترقي يافته پاڪستان جي اميد ظاهر ڪئي جيڪو IMF کان آزاد هجي، ۽ نوجوانن کي محمد علي جناح جي سوچ تي هلڻ جي تلقين ڪئي، چيو ته جيڪڏهن قوم گڏجي ڪم ڪري ته منزل پري ناهي.

بقايا 11 ***

ن 45 ماڻهو فوت ۽ 105 زخمي ٿيا آهن. پي ڊي ايم اي موجب، ڪل 442 گهر تباهه ٿيا، جن مان 382 گهر جزوي طور تي تباهه ٿيا ۽ 60 گهر مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا. ان کان علاوه، پي ڊي ايم اي متاثر ضلعن جي انتظاميا کي پڻ هدايت ڪئي آهي ته متاثرين کي جلد کان جلد امدادي سامان فراهم ڪيو وڃي. پي ڊي ايم اي موجب صوبي ۾ 6 کان 9 اپريل تائين برسات جو نئون سلسلو جاري رهڻ جو امڪان آهي. ٻئي طرف، پيسڪو اختيارين چيو آهي ته برسات دوران بند ٿيل سڀئي فيڊر بحال ڪيا ويا آهن. ڪل 235 پيسڪو فيڊر خراب هئا. پيسڪو عملدارن جو چوڻ آهي ته جتي ممڪن هجي اتي متبادل رستن ذريعي فيڊرز کي بجلي فراهم ڪئي وئي آهي.

بقايا 12 ***

ٻڌايو ويو آهي ته گيهه ۽ تيل جي قيمتن ۾ 100 کان 150 روپيه في ڪلو تائين اضافي جو امڪان آهي. ايدوائزر پي وي ايم اي موجب پيٽروليم شيون مهانگيون ٿيڻ سان ملن جي لاڳت ۾ اضافو ٿيو آهي. گيهه جي ملن ۾ ٽرانسپورٽيشن ۽ پروڊڪشن لاڳت ۾ وڌي وڃڻ ڪري ڪرڻ جوڳو اضافو ٿيو آهي. ايدوائزر پي وي ايم اي وڌيڪ ٻڌايو ته حڪومت فوري طور تي پينل ناهي ته جيئن قيمتن ۾ گهٽتائي جي لاءِ ڪو رستو ڪڍي سگهجي.

بقايا 13 ***

پٺي، واقعي جو ڪيس 5 معلوم ۽ هڪ اڻڄاتل جوابدار جي خلاف داخل ڪيو ويو آهي. پوليس فوري ڪارروائي ڪندي هوائي فائرنگ ۾ ملوث هڪ ڏوهاري کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتو، ڪيس ۾ نامزد ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. رپورٽ موجب چنيڙ ۾ آچر جي رات اورنگي ٽائون ٿاڻي جي علائقي اورنگي

ٽائون سيڪٽر نائن ۾ شادي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ سبب معظم ولد منصور علي نالي نوجوان مارجي ويو جڏهن ته 39 ورهين جي عورت نجمه زخمي ٿي پئي هئي. پوليس واقعي جو ڪيس مقتول نوجوان جي ڀاءُ سفيان علي جي مدعيت ۾ داخل ڪري ورتو ڪيس ۾ قتل جا قلم شامل ڪيا ويا آهن. ڪيس ۾ 5 معلوم ۽ هڪ نامعلوم جوابدار کي نامزد ڪيو ويو آهي. مقتول نوجوان پنهنجن مائٽن جي شادي تقريب ۾ قوالي نائٽ جي پروگرام ۾ آيو هو، قوالي نائٽ جي پروگرام ۾ شديد هوائي فائرنگ ڪئي پئي وئي. تقريب ۾ هوائي فائرنگ جي واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج به سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته تقريب جي دوران هڪ نوجوان گولي شروع ٿي انهي دوران هڪ نوجوان گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيڻ کان پوءِ زمين تي ڪري پيو فائرنگ ڪان پوءِ تقريب ۾ موجود ماڻهن ۾ افراتفري پکڙجي وئي. پرڀاسي ۾ بيٺل ماڻهن فوري طور تي نوجوان جي مدد لاءِ اڳيان وڌيا پر گولي ويجهو ڪان لڳڻ سبب نوجوان تڏي تي فوت ٿي ويو شادي جي تقريب ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ نوجوان جي مارجي وڃڻ ۽ هڪ عورت جي زخمي ٿيڻ جي اورنگي ٽائون پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار ثاقب ولد عبدالخالق کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار کان فائرنگ ۾ استعمال ٿيل نائن ايم ايم پسٽل ۽ موقعي تان گولي جو خول به هٿ ڪيو ويو آهي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته فائرنگ ۾ ملوث ٻين جوابدارن جي ڳولا جاري آهي. مقتول معظم جي گهر پاتين پوليس ڪان جوابدارن جي خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته جلد ئي ذميوارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني ويندي.

بقايا 14 ***

ر، راولپنڊي، مري، سرگوڌا، گجرات، سيالڪوٽ ۽ گوجرانوالا ۾ تيز برسات ٿيون. ميانوالي ۾ ڪندل چڙو والا ۾ ڪرم درياءَ جو ڪٽاءُ وڌي ويو ۽ گهرن جي پاڻي ۾ وهي وڃڻ جو خطرو آهي. سوات، بابو سرٽاپ ۽ ناڱا پربت ۾ وقفي وقفي سان برفباري ٿي رهي آهي. خيبرپختونخواهه جي مختلف ضلعن ۾ به برسات پئي. پاراچنار ۾ ڪرم درياءَ تي پل سان لڳل رستو وهي ويو ۽ گهرجي ڇت ڪرڻ ۽ بجلي ڪرڻ سبب ٻه ماڻهو فوت ٿي ويا. خيبر ۾ پاڪ-افغان هاءِ وي تي هڪ گاڏي پوڙ ۾ وهي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ماڻهو فوت ٿي ويا. ان دوران بلوچستان جي اترين ضلعن ۾ برسات ۽ مٿانهين علائقن ۾ هلڪي برفباري موسم کي وڌيڪ ٿڌو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ مختلف حادثن ۾ پنج ماڻهو فوت ٿي ويا آهن آزاد ڪشمير ۾ برسات جاري آهي، ۽ خيبرپختونخواهه ۾ 6 کان 9 اپريل تائين برسات جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 15 ***

.ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار شڪيل کان 15.75 ملين رپيا هٿ ڪيا ويا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته محمد زوهيب نالي هڪ واپاري جي گودام مان 20 ملين رپين کان وڌيڪ جي چوري ڪئي وئي.

بقايا 16 ***

ڪندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي. ان موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن احمد علي صديقي ۽ سي او او انجنيئر اسدالله خان پنهنجي گڏيل پيغام ۾ چيو ته ايسٽر جو ڏهاڙو امن، محبت، قرباني ۽ اميد جو درس ڏئي ٿو، جيڪو معاشري ۾ مثبت قدرن جي واڌاري لاءِ نهايت اهم آهي. هنن واٽر ڪارپوريشن ۾ خدمتون انجام ڏيندڙ مسيحي ملازمن کي خصوصي طور مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته اداري جي نيڪالي جي نظام کي مؤثر بڻائڻ ۾ مسيحي برادري سان تعلق رکندڙ ملازمن جون خدمتون قابل تحسين آهن. انهن جي محنت، لگن ۽ پيشورانه صلاحيتن اداري لاءِ باعث فخر آهن ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ انهن جو ڪردار انتهائي اهميت رکي ٿو واٽر ڪارپوريشن جي اختيارين چيو ته ادارو پنهنجي سمورن ملازمن کي بغير ڪنهن مذهبي فرق جي هڪجهڙي اهميت ڏئي ٿو ۽ سڀ گڏجي شهر ڪراچي جي خدمت ۾ مصروف آهن. هنن ان عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته ايسٽر جهڙا مذهبي موقعا بين المذاهب هم آهنگي، ڀائيچاري ۽ رواداري کي هٿي ڏيڻ جو مؤثر ذريعو آهن. جن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي. واٽر ڪارپوريشن جي اختيارين دعا ڪئي ته اهو مقدس تهوار ملڪ ۾ امن، استحڪام ۽ خوشحالي جو سبب بڻجي ۽ سڄي قوم لاءِ خير ۽ برڪت جو پيغام ڪئي اچي.

بقايا 17 ***

ز ٽرانسپورٽ کي سبسڊي ملڻ سان عوام کي وڌيڪ رليف ملندو. ڪفايت شعاري تي وزيراعظم روزاني جي بنياد تي وزارتن کان رپورٽ طلب ڪري ٿو. اهڙو اظهار هن ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سان گڏ نيوز ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته تيل جو بحران عالمي سطح تي درپيش آهي جنهن سان

سمورا ملڪ متاثر ٿي رهيا آهن. جڏهن ته وزيراعظم جي هدايتن تي لاڳاپيل وزارتن شروعاتي مرحلي ۾ ئي اڳواٽ قدم کڻندي ملڪ ۾ پيٽروليم شيم جي بنا رڪاوٽ فراهمي يقيني بڻائي. هن چيو ته وزيراعظم چڪتاڻ جي شروعات تي ئي واضح هدايتون جاري ڪيون ته ڪنهن به صورت ۾ ملڪ جي هارين، نوڪري ڪندڙ ماڻهن، عورتن ۽ اهي نوجوان جيڪي پنهنجي ڪٽنب جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ حلال رزق ڪمائين ٿا انهن کي تيل جي ڪوٽ جو منهن نه ڏسڻو پوي، هن چيو ته سڄي خطي ۾ پيٽروليم شين جي ڪوٽ ڏسڻ ۾ آئي جڏهن ته اسان جي اوپرجي پاڙيسري ملڪن ۾ پيٽرول پمپس تي ڊگهيون قطارون لڳيون ۽ پاڻ جي دستيابي متاثر ٿي جڏهن ته پاڪستان حڪومت وقت سر حڪمت عملي تحت عوام لاءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جي فراهمي جو بندوبست ڪيو. عيد وارن ڏينهن ۾ ملڪي بندرگاهن تي سامونڊي جهازن جي آمد جا منظر سوشل ميڊيا تي به نظر ايندا رهيا، مختلف ذريعن ڪان پيٽروليم شيون گهرايون ويون، آبنائي هرمز ذريعي پهتا جڏهن ته ريڊ سي ذريعي به انتظام ڪيا ويا. هن چيو ته گڏيل عرب امارات جي فجيره ۽ سعودي عرب سميت جتي ممڪن ٿيو حڪومت ڪيو عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي تيل جي دستيابي يقيني بڻائي وئي. هن چيو ته وزيراعظم وقت سر نوٽيس ورتو جنهن سبب ملڪ ۾ ڪٿي به تيل جي ڪوٽ پيدا ٿيڻ نه ڏني وئي. هن چيو ته جنگ سبب سپلائي لائنز متاثر ٿيون جنهن سان عالمي مارڪيٽ ۾ قيمتن ۾ نمايان واڌ ٿي ۽ عالمي سطح تي قيمتن غير معمولي حد تائين وڌيون. هن چيو ته پيٽروليم شين جي استعمال ۾ نهايت احتياط جي ضرورت آهي، صرف ضرورت موجب ئي تيل استعمال ڪيو وڃي. هن چيو ته سبسڊي پئڪيج وزيراعظم ۽ ان جي ٽيم جي مسلسل محنت شامل هئي. ان حوالي سان ڏينهن رات ڪم ڪندي جامع حڪمت عملي جوڙي وئي. هن چيو ته ان عرصي ۾ جڏهن سڄي دنيا ۽ خطي جا ملڪ پيٽرول جي ڪوٽ سبب پيٽرول پمپن تي ڊگهين قطارن ۽ وڌندڙ قيمتن جو منهن ڏئي رهيا هئا هفتن دوران پيٽروليم شين جي قيمتن جو بار عوام تي منتقل ٿيڻ نه ڏنو. هن چيو ته حڪومت بجت ۽ ڪفايت شعاري جي قدمن سان 129 ارب روپين جو انتظام ڪيو ته ٽن هفتن تائين پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ٿيڻ نه ڏني وئي. وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم پيٽرول جي استعمال ۾ گهٽتائي جون هدايتون جاري ڪيون. سرڪاري سطح تي 50 سيڪڙو پيٽرول جي بچت ۽ غير ضروري گاڏين جي استعمال ۾ نمايان گهٽتائي ڪئي وئي. وزيرن ۽ صلاحڪارن جي پگهارن سميت ترقياتي منصوبن مان به فنڊز ڪڍيا ويا. هن چيو ته وزيراعظم واضح چيو ته عيد جي موقعي تي عوام کي واڌ جو بار منهن نه ڏسڻو پوي جنهن جي نتيجي ۾ عيد جي ڏينهن ۾ قيمتون مستحڪم رهيون ۽ عوام کي رليف ڏنو ويو. وفاقي وزير چيو ته موجوده حالتن اسان جون پيدا ڪيل ناهن پر دنيا جا سمورا ملڪ ان صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته جڏهن چڪتاڻ ۽ واڌ تي ئي قومي سطح تي نيشنل ريسپانس جي ضرورت هئي. وزيراعظم چئني صوبن جي وڏن وزيرن، آزاد ڪشمير جي وزيراعظم، گلگت بلتستان جي وڏي وزير سميت سمورن لاڳاپيل عملدارن کي گڏ ڪيو جتي قومي سطح جي رد عمل تي اتفاق ڪيو ويو هن چيو ته جيترو بار ڪٽ ممڪن هو حڪومت ڪنيو، ٽرانسپورٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن قومي رد عمل تحت وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن گڏيل طور تي بار برداشت ڪري رهيون آهن جڏهن ته محروم ۽ پٺتي پيل طبقن جي تحفظ لاءِ خاص قدم کنيا پيا وڃن. وفاقي وزير چيو ته عام طور تي سبسڊي جي صورت ۾ مهانگيون گاڏيون استعمال ڪندڙ ماڻهو به ايترو فائدو کڻن ٿا جيترو موٽرسائيڪل استعمال ڪندڙ عام شهري حاصل ڪري ٿو. ان لاءِ ٽارگيٽڊ سبسڊي جو نظام جوڙيو ويو آهي ته جيئن رليف حقدارن تائين پهچي سگهي. هن چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي رهي آهي جڏهن ته حڪومت جي وقت سر قدمن سان اسلام آباد ۽ پنجاب ۾ پاڻڙ جي واڌ ڪي روڪيو ويو ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ کي مفت ڪيو ويو آهي. وفاقي وزير چيو ته سنڌ حڪومت به پاڻڙ ۾ واڌ روڪڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته ٽرڪن، بسن ۽ ويگنن لاءِ فراهم ٿيندڙ سبسڊي سان به عام ماڻهو کي سنڌي ريت سهولتون ملنديون. وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم شهباز شريف مشڪل حالتن ۾ همت نه هاري ۽ واضح ڪيو ته هو ان وقت تائين سک سان نه ويهندو جيستائين عوام پاڻ کي محفوظ محسوس نه ڪري. هن چيو ته وزيراعظم آخري لمحي تائين پيٽروليم شين جي پرائسنگ فارمولي تي ڪم ڪندو رهيو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته پيٽرول جي قيمتن ۾ وڌيڪ گهٽتائي لاءِ رستو ڪڍيو ويندو. هن چيو ته نيڪ نيتي ۽ مسلسل محنت سان ئي حل نڪري ٿا ۽ الله تعاليٰ جي مدد شامل هوندي آهي. عطا الله تارڙ چيو ته تيل جي قيمتن ۾ واڌ

ڪانپوءِ وزيراعظم پيٽروليم ليوي ۾ 80 روپيا گهٽتائي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 458 روپيا في ليٽر تائين پهتل پيٽرول گهٽجي 378 روپيا في ليٽر تي ويو آهي. هن چيو ته صورتحال جو مسلسل جائزو وٺي رهيا آهيون ۽ روزاني جي بنياد تي جائزو اجلاس منعقد ٿين ٿا جن ۾ وزيراعظم لاڳاپيل وزارتن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي ٿو. هن چيو ته وزيراعظم جي اڳواڻي ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون سمورا عوامي ڀلائي واري قدم کڻي رهيون آهن. جڏهن ته سفارتي سطح تي به ڪوششون جاري آهن. عوام کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏيو ويندو. هن چيو ته پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ گڊز ٽرانسپورٽ کي سبسڊي فراهم ڪئي ويندي، ان مقصد لاءِ وزيراعظم ڊجيٽل والٽ جو نظام متعارف ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن جنهن تحت سڌي ريت رقم منتقل ڪئي ويندي. هن چيو ته اهي ادائيگيون انهي شفاف طريقي تحت ٿينديون جهڙي طرح رمضان المبارڪ دوران سڌي ريت رقم منتقل ڪئي وئي هئي. وفاقي وزير چيو ته حڪومت جون ڪوششون جاري آهن ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته وزيراعظم ان معاملي تي ٻيهر طرح متحرڪ آهي ۽ حڪومت جي ٻيهرين ترجيح عوام کي امڪاني مشڪلاتن کان محفوظ رکڻ آهي. هن چيو ته دعا آهي ته خطي ۾ امن بحال ٿئي ته جيئن حالتون معمول تي اچن ۽ پاڪستان ۾ ترقي جو سفر تيزي سان جاري رهي سگهي. هن چيو ته مشڪل حالتن باوجود حڪومت عوام کان گڏ بيٺل آهي. جڏهن ته وزيراعظم سڀني وفاقي وزارتن ۽ صوبائي حڪومتن جي لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته عوام لاءِ وڌ کان وڌ سهولت پيدا ڪئي وڃي ان مقصد لاءِ سمورا ادارا متحرڪ آهن ڪو به شخص سڪ سان ناهي ويٺو ۽ هر سطح تي ڀرپور ڪوششون جاري آهن. هن چيو ته انشاءَالله عوام کي مشڪلاتن کان بچائڻ لاءِ حڪومت هر ممڪن قدم کڻندي.

بقايا 18 ***

.پرائيويٽ اسڪولز الائنس ميٽرڪ امتحانن کي ملتوي ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته امتحاني مرڪزن کي اڃا تائين حتمي شڪل نه ڏني وئي آهي، ۽ نه ئي ايڊمٽ ڪارڊ جاري ڪرڻ ممڪن ٿي سگهيو آهي. تنظيم وڌيڪ چيو ته امتحاني مواد نه ڇپجڻ ڪري پهچايو ويو آهي. نه ئي امتحاني مرڪزن جي خبر آهي. جڏهن ته ٻيا انتظام پڻ نامڪمل آهن ٻئي طرف، تعليمي بورڊ جي ترجمان چيو آهي ته ميٽرڪ امتحانن لاءِ سڀئي انتظام مڪمل آهن. ايڊمٽ ڪارڊ بورڊ آفيس جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيا ويا آهن. تعليم بورڊ جي ترجمان موجب، پرائيويٽ اميدوارن جا ايڊمٽ ڪارڊ انهن جي رهائشي پتن تي موڪليا ويا آهن. بورڊ آفيس آچر تي به کليل رهندو، ۽ ڪجهه اميدوار جيڪي داخلا حاصل نه ڪري سگهيا آهن اهي بورڊ آفيس جي ڪمرو نمبر 5 سان رابطو ڪن.

بقايا 19 ***

ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو، جتي صوبائي وزير، ٽرانسپورٽرن جا نمائندا ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسر موجود هئا. هن چيو ته حڪومت هڪ گڏيل حڪمت عملي تيار ڪئي آهي ته جيئن شهرين، خاص طور تي گهٽ آمدني وارن مسافرن کي عالمي سطح تي ٻارڻ جي اڳهن ۾ واڌ سبب وڌندڙ سفري خرچن کان بچائي سگهجي. ٽرانسپورٽ شعبي جي عهديدارن پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڊويزنل ڪمشنر ۽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽيز ويڊيو لنڪ ذريعي شامل ٿيا. جيڪو هن فيصلي جي سڄي صوبي ۾ گڏيل عملداري جي اهميت کي ظاهر ڪري رهيا هئا. پريس ڪانفرنس جي ابتداءِ ۾ سنڌ جي وڏي وزير سموري ملڪ ۽ خاص طور تي صوبي ۾ رهندڙ عيسائي برادري کي ايسٽر جون واڌايون پڻ ڏنيون. سڄي سنڌ ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن کي برقرار رکڻ بابت سيد مراد علي شاه چيو ته ڪيترين ئي صلاح مشورن ڪانپوءِ بس الاضلاع ۽ شهرن جي روٽن تي هلندڙ ٽرانسپورٽرز هن ڳالهه تي راضي ٿي ويا آهن ته اهي سواريءَ جي ڀاڙن ۾ واڌ نه ڪندا ۽ 28 فيبروري 2026 واري سطح تي ئي برقرار رکندا. وڏي وزير چيو ته هي معاهدو ٽرانسپورٽرن جو ٿوراٿو اهيان. جن قومي مفاد ۾ حڪومت جي رليف ڪوششن جو ساٿ ڏنو. هن وڌيڪ چيو ته هي آپريشنل خرچن وڌندڙ ٽرانسپورٽرن ذميواري جو مظاهرو ڪندي عوام کي رليف ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي. ٽرانسپورٽرن جي نمائندن، جن ۾ ڪراچي ٽرانسپورٽ اتحاد جا اڳواڻ حاجي تواب ۽ بين الاضلاع آپريٽر شير ملڪ شامل هئا، پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته ڀاڙن کي برقرار رکڻ خراب معاشي حالتن ۾ شهرين جي مدد لاءِ گڏيل فيصلو آهي. نقصانن جي تلافي لاءِ سبسڊي بابت وڏي وزير چيو ته حڪومت روٽ پرمٽس جي بنياد تي ٽرانسپورٽرن کي مالي مدد فراهم ڪندي ته جيئن ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن سبب ٿيندڙ خرچن جو ازالو ڪري سگهجي ۽ عوامي خدمتون جاري رهن. هن واضح ڪيو ته سبسڊي ۾ وفاقي حڪومت

جي مدد سان گڏ صوبائي حڪومت جي اضافي سهائتا پڻ شامل هوندي. ته جيئن ٽرانسپورٽر مسافرن تي بار وڌائڻ ڪانسواءِ پنهنجون خدمتون جاري رکي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سبسڊي جو خرچ پاڻ برداشت ڪندي ته جيئن سڄي صوبي ۾ بسن جا ڀاڙا برقرار رهن. سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ 11 هزار کان وڌيڪ بسون هلن ٿيون ۽ ڀاڙن کي سبسڊي ذريعي برقرار رکڻ لاءِ صوبي کي اٽڪل 3 کان 4 ارب رپيا خرچ ڪرڻا پوندا. وڏي وزير ٻڌايو ته عوام کي اهم شعبن ۾ پڻ رليف فراهم ڪيو پيو وڃي. هي سبسڊي پيڪيج هيٺين شعبن تائين وڌايو ويندو، مال بردار گاڏيون (گڊس ٽرانسپورٽ)، ته جيئن ضروري شين جا اگهه مستحڪم رهن. اسڪول وينز، ته جيئن شاگردن جي ٽرانسپورٽ فيس ۾ واڌ نه ٿئي. پبلڪ ٽرانسپورٽ آپريٽرز، ته جيئن ڊيزل جي وڌندڙ اگهن باوجود روزانو آپريشن جاري رهي. وڏي وزير چيو ته شروعات ۾ حڪومت عوامي بسون مفت ڪرڻ تي غور ڪيو هو، پر پوءِ هڪ وسيع ڀاڙن جي منجمد پاليسي اختيار ڪئي وئي ته جيئن وڌيڪ ماڻهن کي فائدو ملي سگهي. وفاق ۽ صوبي جي گڏيل اپاءُن بابت سيد مراد علي شاهه چيو ته هي اپاءُ قومي سطح جي گڏيل حڪمت عملي جو حصو آهي، جنهن تحت صوبن تحت محدود عرصي لاءِ ٻارڻ جي سبسڊي جي بار ورهائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ مجموعي سبسڊي فريم ورڪ ۾ اٽڪل 14 ارب رپيا حصو وجهندي. جڏهن ته ٽرانسپورٽرن، آباد گارن ۽ صارفين لاءِ اضافي قدمن تي وڌيڪ 3 کان 4 ارب رپيا خرچ ڪيا ويندا. بحران دوران استحڪام کي يقيني بڻائڻ بابت جي وڏي وزير چيو ته وزير چيو ته بدلجندڙ صورتحال عالمي سطح تي ٻارڻ جي اگهن تي اثرانداز ٿي آهي، پر حڪومتي پاليسين سبب صوبي ۾ ٻارڻ جي فراهمي بنا ڪنهن رنڊڪ جي جاري آهي. هن چيو ته هي وڏي سوب آهي ته ڏکين حالتن باوجود فراهمي مستحڪم آهي. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت عوام کي سستي اگهن تي ضروري شيون فراهم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ هدف تي ٻڌل سبسڊي تي پڻ ڪم ڪري رهي آهي. سيد مراد علي شاه چيو ته حڪومت عوام کي مهانگائي جي دٻاءُ ڪان بچائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ اسان جي ترجيح آهي ته ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف ڏنو وڃي، جڏهن ته معاشي استحڪام ۽ بنيادي خدمتون پڻ برقرار رکيون سگهجن.

بقايا 20 ***

يهر شروع ٿيندو. قومي اسيمبلي جو اهو 26 هون سيشن آهي. جمعي تي قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ايوان ۾ ڳوڙ سبب اجلاس ايجنڊا جي ڪارروائي اڳلاڻ ڪان سواءِ سومر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 21 ***

يسوسيئيشن جي اڳواڻ مالڪ بوستان موجب، جنگ کان اڳ، 2500 رپين ۾ 10 ملين ايراني ريال موجود هئا، پر هاڻي ايراني ريال جي قيمت وڌي وئي آهي ۽ 2500 رپين ۾ 10,000 ايراني ريال موجود آهن. ملڪ بوستان موجب، هرمز مان گذرڻ ۽ پاڪستان ۾ خريداري لاءِ ٽول ٽيڪس جي ڪري ايراني ريال جي قيمت وڌي وئي آهي. ملڪ بوستان جو چوڻ آهي ته 2018 ۾ پابندين کان اڳ، 10 ملين ايراني ريال 50,000 رپين جي برابر هئا.

بقايا 22 ***

۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، پاڪستاني پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي موجب، ٻنهي اڳواڻن خطي ۾ بدلجندڙ صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. اسحاق ڊار تڪرار گهٽائڻ جي سڀني ڪوشش لاءِ پاڪستان جي حمايت کي ورجايو. ترجمان چيو ته اسحاق ڊار مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڏنو. ڳالهه ٻولهه دوران، ٻنهي اڳواڻن جاري ترقي کي نظر ۾ رکندي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي به اتفاق ڪيو.

بقايا 23 ***

سان ملهايو ان موقعي تي چرچن ۾ خاص عبادتون ڪيون ويون جتي مسيحي برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مذهبي ترانا پڙهيا ويا ڪراچي ۾ سينٽ پيٽرڪ ڪيٿيڊرل، سينٽ ميري چرچ، هولي ٽرينٽي ڪيٿيڊرل ۽ سينٽ انٿوني چرچ سميت وڏن چرچن ۾ خاص عبادتن ۽ تقريبن جو اهتمام ڪيو ويو عبادتن دوران ملڪ جي سلامتي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون جڏهن ته پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ امن لاءِ دعائون گهريون ان موقعي تي آمريڪا اسرائيل ايران جي وچ ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ دعائون ڪيون ويون مسيحي برادري جي اڳواڻن چيو ته ايسٽر محبت امن برداشت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏئي ٿو ۽ هن ڏينهن جو اصل مقصد انسانيت جي خدمت آهي ۽ دنيا ۾ امن قائم ٿي ۽ انسانيت آڏو ايندڙ مسئلا ختم ٿين

بقايا 24 ***

ن کان حج پانڌيئڙن جي پهرين اڏام 18 اپريل تي سعودي عرب پهچندي. رياض پهچڻ تي مسلم ليگ (ن) سعودي عرب جي عهديدارن وفاقي وزير جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو. ان موقعي تي هن چيو ته هن سال حاجين لاءِ رهائش، کاڌو ۽ سفري سهولتون وڌيڪ بهتر ڪيون ويون آهن. جيڪي سعودي وزارت حج ۽ عمره جي تعاون سان ممڪن ٿيون. هن چيو ته پهريون ڀيرو 25 هزار ڪان وڌيڪ پاڪستاني حاجين کي حرمين هاءِ اسپيڊ ريلوي ذريعي مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ تيز رفتار سفر جي سهولت پڻ فراهم ڪئي ويندي.

بقايا 25 ***

انعام ميمڻ چيو آهي ته موسميات کاتي جي سنڌ صوبي ۾ شديد برسات جي اڳڪٿي ڪان پوءِ لاڳاپيل ادارن کي الرٽ ڪيو ويو آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته ايندڙ ڏينهن دوران سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير چيو ته ڪراچي، سکر، ڪشمور، گهوٽڪي، جامشورو، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي جڏهن ته ڪجهه هنڌن تي ڳڙو پوڻ جو به امڪان آهي. شرجيل ميمڻ اهو به چيو ته موسميات کاتي موجب برسات جو سلسلو 6 اپريل تي شدت اختيار ڪري سگهي ٿو حساس ڊئنجن ۽ فصلن جي تحفظ لاءِ اڳواٽ قدم کنيا پيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته برسات جي اڳڪٿي سبب حڪومت سمورن لاڳاپيل ادارن کي الرٽ ڪري ڇڏيو آهي. ضلعي انتظاميه، بلدياتي ادارا ۽ ريسڪيو سروسز کي به متحرڪ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته هارين کي موسمي صورتحال کي نظر ۾ رکندي حڪومتي اڳواڻي ۾ مدد فراهم ڪئي پئي وڃي.

بقايا 26 ***

جي وچ ۾ خطي جي تبديل ٿيندڙ صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر تڪرار ۾ گهٽتائي جي لاءِ سمورين سفارتي ڪوششن جي مڪمل حمايت جو ارادو ڪيو ڳالهين جي دوران انهي ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته موجوده بحران جو حل صرف ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي ذريعي ئي ممڪن آهي. جڏهن ته طاقت جي استعمال سان حالتون وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون. ٻنهي پرڏيهي وزيرن انهي ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ته خطي ۾ امن، استحڪام جي لاءِ ويجها رابطا برقرار رکيا ويندا ۽ گڏيل مشاورت جو سلسلو به جاري رکيو ويندو.

بقايا 27 ***

ڏهن ته لاشن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي. اختيارين جو چوڻ آهي ته رڪشا ۾ سوار سڀئي ماڻهو هڪ ئي خاندان سان تعلق رکن ٿا ۽ رڪشا ۾ مظفر ڳڙهه کان ملتان سفر ڪري رهيا هئا. ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته گاڏي ۾ سوار سڀني ماڻهن کي اسپتال پهچايو ويو، جتي زخمين مان 3 فوت ٿي ويا، 14 ماڻهو نشتر اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن.

بقايا 28 ***

سيٽ تي اميدوارن پاران نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو سلسلو (اڄ) سومر کان شروع ٿيندو جيڪو به ڏينهن جاري رهندو جڏهن ته پولنگ 23 اپريل تي ٿيندي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري شيڊول مطابق اميدوارن جي شروعاتي لسٽ اڄ 8 اپريل تي جاري ڪئي ويندي. انهن جي چند ڇاڻ 10 اپريل جڏهن ته ريٽرننگ آفيسر پاران نامزدگي ڪاغذ منظور يا رد ڪرڻ خلاف اپيلون 13 اپريل تائين ڪري سگهجن ٿيون جن کي 15 اپريل تائين اڪلايو ويندو نظرثاني ٿيل لسٽ 16 اپريل تي جاري ڪئي ويندي. نامزدگي ڪاغذ 17 اپريل تي واپس وٺي سگهجن ٿا. پولنگ 23 اپريل تي ڪي پي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي عمارت ۾ ٿيندي.

بقايا 29 ***

تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 41 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 08 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 74 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 74 هزار 600 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد 27 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 27 هزار 100 ڪيوسڪ. جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي ڇوڙ 20 هزار 600 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ديمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ. ديم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1456.59 فٽ، ديم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.225 ملين ايڪڙ فٽ. منگلا ڊيم ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1143.60 فٽ، ديم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 1.466 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 01

طابق پيٽرول ۽ ڊيزل سميت گيس جي اگهن ۾ واڌ سبب غريب عوام جو جيئڻ مشڪل ٿي ويو آهي تازو ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ ڪان پوءِ پاڇين جي اگهن بيٺٺو اضافو ٿي ويو آهي ان سان گڏ گاڏين جي ڪراين توڙي ڪاڌي پيتي جي سامان سميت روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ شيون غريبن جي پهچ مان نڪري ويون آهن. شهرين پاران حڪومت کي چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن پيٽرول ڊيزل گيس جون قيمتون گهٽائي ساڳيون نه مقرر ڪيون ويون ته احتجاج جو دائرو اڃا وڌايو ويندو ۽ شٽربند هڙتال ڪري تيل جا اگهه گهٽ نه ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 02

ين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي هنن چيو ته قومي ڪارڪنن کي بنا جواز کنيي گم ڪرڻ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿي ڪري سگهجي مقررين پنهنجي خطاب ۾ مطالبو ڪيو ته لاپتا ڪارڪنن کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي ۽ اهڙين ڪارروائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو مظاهري ۾ شامل ماڻهن حڪومت کان گهر ڪئي ته جبري گمشدگين جو سلسلو بند ڪري متاثر خاندانن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي، نه ته سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو سلسلو تيز ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 03

ايڪڙن تي پوکيل ڪڻڪ جا سرعام لاٻارا اعلي عملدار خاموش. عملي 8 هزار روپيه مبينه رشوت وٺي قبضه مافيه کي اجازت ڏئي ڇڏي. ٻيلا تباهه سارين جي پوکي لاءِ به ڊيل هلندڙ. ٻيلن جي تباهي جون اعلي اختيارين کي شڪايتون ڪيون پر ڪا به ڪاروائي نه ٿي عبدالحميد لغاري. ضلع گهوٽڪي جا سمورا ٻيلا ٻيلي کاتي جي عملداتن جي ڪرپشن سبب 90 فيصد تباهه ٿي چڪا . 20 هزار ايڪڙن تان اربين روپين جا قيمتي وڻ وڍرائي زمينون قبضا مافيه حوالي ڪري فصل پوکرايا ويا آهن. ٻيلي کاتي جي ڊي ايف او ضياءالله لغاري مختلف ٻيلن جون زمينون وڪرو ڪرڻ ۽ اوڳاڙي لاءِ ٽيم مقرر ڪري ڇڏي آهي . ٻيلي جو عملو سڪندر جلباڻي. شريف بلو. شهمير چاچڙ. اسد شيخ. مرتضي لغاري. فاروق گبول. فرمان گبول قبضا مافيه ڪان پوکيل ڪڻڪ جا في ايڪڙ جا 8 هزار روپين جي حساب سان اوڳاڙي تي لڳل آهن . ميرپور ٻيلو. جروار ٻيلو. جهانپور ٻيلو. عادلپور ٻيلو. سندراڻي ٻيلو ۽ رونتي ٻيلي جي سرڪاري زمينن جا قيمتي وڻ وڍي ڪڻڪ ۽ سرنهن جا فصل پوکيا ويا. ٻيلن جي هزارين ايڪڙ زمينن تي پوکيل ڪڻڪ ۽ سرنهن جي فصلن جا مشينن زريعي سرعام لاٻارا هلن پيا پر نااهل عملدار خامش تي ٻيلا تباهه پيا ڪرائن. ٻئي پاسي ٻيلن مان قيمتي وڻن جي واڍي ۽ غيرقانوني مٽي جا ٺيڪا به ڏنا ويا آهن.. علائقي واسين اعلي اختيارن کي لکت ۾ شڪايتون ڪيون ويون پر ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو علائقي واسي عبدالحميد لغاري جو چوڻ آهي ته جروار ٻيلي جي 1000 ايڪڙن تا ڪروڙين روپين جا وڻ وڍرائي زمينون وڪرو ڪيون ويون ۽ سارين جي فصل لاءِ وڏيڪ زمينن جو وڪرو جاري آهي هن جو چوڻ هو ته راڪي سڪندر جلباڻي جروار ٻيلي جي چوڪرين کي 3 پيرا باهه ڏئي زمينن تي قبضا ڪرايا پر اسان جي شڪايتن باوجود اختيارين ملوث عملي خلاف ڪاروائي نه ڪئي. هن سنڌ حڪومت ڪان گهر ڪئي ته ڊي ايف او سميت ملوث عملدارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃ

بقايا عوامي سوچ 04

ي ۽ مالي نقصان جو خدشو آهي هن چيو ته هو هڪ سوشل ورڪر ۽ جسقم جو ڪارڪن آهي ۽ شهر جي مسئلن تي هر موڙ تي آواز اٿاريندو رهيو آهي سندس چوڻ موجب ورشهر ۾ رهندڙ سيئي برادريون سندن پاڙر آهن. پر ڪجهه بااثر ماڻهن طرفان سندن زمينن تي قبضا ڪري ڪوڙا ۽ جعلي ڪاتا ٺهرايا ويا آهن عبدالرزاق تنيو وڌيڪ چيو ته شهر ۾ بجلي بند ٿيڻ جهڙن معاملن جو به الزام مٿس لڳايو وڃي ٿو، جيڪو سراسر ناانصافي آهي هن ورشهر جي وڏيرن کي خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن هاڻي به سندس خلاف ڪوڙيون مهمون هلائيون ويون ته هو مجبور ٿي عدالت جو در کڙڪائيندو هن اختيارين ڪان اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ سندس ذاتي زمين تان غيرقانوني قبضا ختم ڪيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 05

جاجي مظاهرو ڪيا ويا خبر موجب: ڪوٽ غلام محمد ۾ وفاق پاران پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائڻ خلاف مختلف سياسي سماجي اڳواڻن پاران پريس ڪلب سامهون الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا مظاهري جي اڳواڻي ۾ عوامي

تحريڪ تعلقه صدر برڪت شر ساجن ڪمار، پورهيت مزاهمت تحريڪ جي علي حسن ڪوسو، روپ ڪمار، سماجي اڳواڻ وڪيل انور پرڳڙي وڪيل پرديپ ڪمار جاويد پرڳڙي عبدالرزاق خاصخيلي ڪيي اڳواڻن گورنمنٽ ڪان مطالبو ڪيو ته پيٽرول ڊيزل جاگهه 200 روپيا ليٽر مقرر ڪيو وڃي جڏهن ته ٻي پاسي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون الڳ احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي مرڪزي جرنل سيڪريٽري مظهر راهوجو سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڪرڻ رٻاڙي سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي جرنل سيڪريٽري عبدالله چانديو ضلع صدر مقصود احمد پرڳڙي هاري تحريڪ ضلع آرگنائيزر ڪامريڊ رازو مل ڪولهي آبادگار تحريڪ جي سيڪريٽري عبدالمجيد پڳيو ڪيي اڳواڻن ميڊيا کي ٻڌايو ته قومي عوامي تحريڪ جي قايد اياز لطيف پليجو جي سڏ تي پوري سنڌ ۾ وفاق پاران هٿرادو پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائڻ خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن ۽ اهي احتجاج تسين تايين جاري رهندا جيسين تايين وفاق حڪومت پيٽرول ڊيزل جا اگهه نه گهٽاييدي جڏهن ته رڪشا يونين پاران پڻ پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌڻ خلاف پڻ احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن ۾ عوامي تحريڪ اڳوڻ ساجن ڪمار خصوصي شرڪت ڪيي ۽ گورنمنٽ ڪان مطالبو ڪيو ته مزدور پورهيت ڪان ٻن ويلن جي ماني نه ڪسيو هي مزدور رڪشا هلايي پنهنجي ٻچن جو پيٽ گزر ڪن ٿا پيٽرول جو اگهه وڌڻ سبب رڪشا هلاييندڙ مزدور بيروزگار ٿي ويا آهن گورنمنٽ فل فور تيل ڊيزل جا اگهه ڪيرايي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 06

پارٽي جا جهنڊا، بينر، پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري وفاقي حڪومت خلاف چتي نعري بازي ڪئي، ان موقعي تي ضلع صدر حيدر سيال، شفقت گوپانگ، عرفان چانڊيو، صالح لغاري ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾ تازو تيل پٽرول جي قيمتن ۾ ڪيل واڌ ۽ ڊيزل جي مد ۾ ڳاتي توڙ واڌ سبب گاڏين جي ڀاڙن ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ وڏي پئماني تي واڌ تي وئي آهي، جنهن سبب روزانو جي بنياد تي ٽرانسپورٽ تي ايندڙ عام واهپي جي شئيون جيڪي روزاني جي بنياد تي سفر ڪري اچن ٿيون ڀاڄيون، ميوات اٽو، گيهه، کنڊ سميت عام واهپي جي شيئن ۾ ڳاتي توڙ واڌ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته مسڪين، غريب طبقو جيڪو روزانو پبلڪ ٽرانسپورٽ استعمال ڪري ٿو ان جي ڀاڙن ۾ واڌ سبب اهو مسڪين طبقو سفر نه تو ڪري سگهي، غريب مزدور طبقو جيڪو ڏهاڙيدار آهي ان جي روزاني جي بنياد تي ملندڙ مزدوري اجوري مان پورت نه تي ٿئي جنهن جي ڪري عام شهري جي زندگي گذارڻ ڏکئي تي وئي آهي، غريب ماڻهو جو جيئڻ جنجال تي ويو آهي، مسڪين ماڻهو روڄڻ تي اچي ويا آهن، ان عمل سان ملڪي حالتون تيزي سان خراب تي رهيون آهن، بيروزگاري بک بدحالي وڌندي اتي بدامني ۾ به واڌ تيندي، هنن چيو خدارا تيل جون قيمتون گهٽ ڪري غريب عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي، فوري طور عوامي ليڊر عمران خان کي آزاد ڪيو وڃي ته جيئن ملڪ جي عوام جي بيچيني ختم تي سگهي،

بقايا عوامي سوچ 07

زنئور چيو ته پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ بعد ايڏي مهانگائي وڌي وئي آهي جو ڪاٿڻ پاڻ وڌو مسئلو ٿي ويو آهي، لڳي ٿو هاڻي ساهه کڻڻ تي به ٽيڪس لڳندو. جنگ ٻين ملڪن ۾ لڳل آهي پر پاڪستان حڪومت ائين محسوس پئي ڪرائي جڻ پاڪستان ۾ لڳل آهي، پٽرول جي اگهن ۾ واڌ کي دادو جي شهرين معاشي بم قرار ڏئي ڇڏيو، ڪامريڊ نياز حسين پنهور چيو ته ٽرانسپورٽ سميت روزمره شين جي قيمتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي، دادو عوامي فورم جي اڳواڻ چئرمين عاشق زنئور، محبوب سومرو، شيراز لغاري، ڪاشف چانڊيو، ڊاڪٽر جبار ٻبر، جي ايم پنهور، غلام حسين لنڊ، ضمير ڪوريجو، رجب آزاد سولنگي، نياز حسين پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، وفاقي حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته مهانگائي جو بار غريب ۽ وچولي طبقي تي وڌي ويو جيڪو تمام خطرناڪ آهي، پيٽرولي شين ۾ واڌ سرمائيدار طبقي کي فائدو، عام ماڻهو پريشانين جو شڪار آهن، عوامي فورم پاران شهرين کي التجا ڪئي وئي ته پٽرول جي اگهن خلاف پرامن احتجاجن جو سلسلو جاري رهندو، هاڻي هي وقت گهرويهڻ جو نه آهي جاڳڻ جو ۽ پنهنجو آواز بلند ڪرڻ جو آهي، وفاقي حڪومت تيل جي قيمتن ۾ گهٽتايي آڻي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دايرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 08

دي ٻڌايو ته اسان پنهنجي مرضي سان شادي ڪئي آهي، پر ناري جي گهر ڀاتين طرفان زندگين کي سخت خطر لاحق آهن، جنهن سبب اسان تحفظ لاءِ ادارن سان رابطو ڪيو آهي جوڙي پاران سيشن ڪورٽ دادو ۾ باقاعده درخواست داخل ڪرائي وئي آهي، جنهن ۾ ناري جي پيءُ نبي بخش پائرن رستم، رضا ۽ محمد قاسم ٻڙدي کي خطري جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي، متاثر جوڙي سيشن جج دادو، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪان اپيل ڪئي آهي ته کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو پنهنجي زندگيون بنا ڪنهن خوف جي گذاري سگهن واضح رهي ته سنڌ جي مختلف علائقن ۾ پسند جي شادي ڪندڙ جوڙن کي اڪثر سماجي دٻاءُ ۽ جاني خطر درپيش هوندا آهن. جنهن سبب اهڙا جوڙا عدالتن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪان تحفظ وٺڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا،

بقايا عوامي سوچ 09

ڙس جو احتجاج آ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن ڪان انصاف جو مطالبو رپورٽ موجب احمدپور ۾ ناري مهڪ سولنگي جو نوجوان ثاقب ملاح سان خيرپور جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪرڻ وارو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ويو ناري کي اغوا ڪري زبردستي نڪاح مٿان نڪاح ڪرائڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ان ڏس ۾ ناري جي پيءُ اختر سولنگي ماءُ شهزادي سولنگي سميت سندس اڳوٽي مڙس حيدر سولنگي سخت احتجاج ڪندي چيو ته ناري جو 2 سال اڳ مون سان نڪاح ٿيل آهي ۽ اسان شاديءَ ڪانپوءِ زال مڙس تمام خوش رهيا آهيون جڏهن ته گذريل عيد ڪان پوءِ چوٿين ڏينهن تي منهنجي زال شهر مان ٻارڙن لاءِ شئي ۽ ٻيو سامان وٺڻ لاءِ وئي هئي جتان هن کي اغوا ڪيو ويو هو جنهن جي حد جي پوليس وٽ اين سي به داخل ڪرائي هئي پر ان جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي رهيو هو تازو سوشل ميڊيا تي هڪ ويڊيو نظر آيو آهي جنهن ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته ناري مهڪ سولنگي احمدپور جي نوجوان ثاقب ملاح سان خيرپور جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي جيڪجا وڏي ناجائزي ۽ ظلم آهي جڏهن ته اسانکي خدشو آهي ته اسانجي ناري کي ثاقب ملاح اغوا ڪري ڪيس زبردستي نڪاح مٿان نڪاح ڪرائي ڇڏيو آهي جيڪو شرعي توڙي قانوني طور تي بلڪل ناجائز ۽ غلط عمل آهي ان موقعي تي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور ڪان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪري ناري کي آزاد ڪرايو وڃي،

بقايا عوامي سوچ 10

ايسوسيئيشن ۽ سوشل ورڪر اتحاد پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ ڪان پوءِ هاڻي سي اين جي جي قيمتن ۾ ڳاتي تور اضافي خلاف سخت احتجاجي ريلي ڪيي وئي، ريلي شاهنواز چوڪ ڪان شروع ٿي، شهر جي مختلف رستن ڪان گذرندي نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان پهتي، جتي مظاهرين زبردست نعريبازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي رڪشا يونين جي اڳواڻن عرفان اديجو، مشتاق چانگ ۽ اڪبر راهمون ڪئي، جڏهن ته سوشل ورڪر اتحاد جي طرفان سومار ملاح، اسلم ملاح، زين شاهه، سائين عبدالواحد سمون ۽ سلطان عباسي پڻ اڳيرا رهيا. ان موقعي تي وڏي انگ ۾ رڪشا ڊرائيورز، سوشل ورڪرز ۽ شهرين شرڪت ڪئي. مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته حڪومت طرفان بار بار پيٽرول، ڊيزل ۽ هاڻي سي اين جي جي اگهن ۾ واڌ ڪري غريب عوام جو جيئڻ مشڪل بڻايو ويو آهي. هنن چيو ته رڪشا هلائيندڙ مزدور اڳ ئي مهانگائي جي ڪري سخت پريشان آهن، مٿان وري سي اين جي جي اگهن ۾ اضافو سندن روزگار تي سڌو اثر وجهي رهيو آهي، اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن فوري طور تي سي اين جي جي اگهن ۾ ڪيل واڌ واپس نه ورتي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ سخت قدم کنيا ويندا. هنن حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ سي اين جي جي اگهن ۾ واڌ کي فوري طور واپس ورتو وڃي. مظاهري دوران مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪندا رهيا، جن تي مهانگائي خلاف سخت نعرا درج هئا. آخر ۾ اڳواڻن اعلان ڪيو ته هو پنهنجن حقن لاءِ پرامن جدوجهد جاري رکندا.

بقايا عوامي سوچ 11

چوڪ ڪان شروع ٿي نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان پهتي، جتي شرڪت ڪندڙن سخت احتجاج ڪندي نعريبازي ڪئي. ريلي ۾ وڏي انگ ۾ شهرين، سماجي ڪارڪنن ۽ نوجوانن شرڪت ڪئي، جيڪي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي منشيات جي خاتمي لاءِ آواز اٿاري رهيا هئا. مظاهرين جو چوڻ هو ته منشيات نوجوان نسل کي تباهه ڪري رهي آهي روز هي منشيات ڪنهن ماءُ ڪان ان جو پٽ کسي رهي آهي ۽ ان خلاف فوري ۽ سخت ڪارروائي ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي. ان

موقعي تي عوامي راج تحريڪ جي اڳواڻن سرور لاکو، ڪاشف رستماڻي، ظفر خاصخيلي، وشال سنڌي، ساجن سنڌي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته بدين سميت سڄي سنڌ ۾ منشيات کلي عام وڪرو ٿي رهي آهي، جنهن سبب نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي. هنن الزام هنيو ته لاڳاپيل ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن، جنهن ڪري منشيات فروش بي خوف ٿي پنهنجو ڌنڌو جاري رکيو وينا آهن. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن منشيات جي ڪاروبار خلاف فوري طور تي ڪاروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هنن حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪان مطالبو ڪيو ته منشيات فروش عنصرن خلاف سخت آپريشن ڪري نوجوانن جي مستقبل کي بچايو وڃي. احتجاج جي آخر ۾ مظاهرين سخت نعريبازي ڪندي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته هو ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ سخت احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا عوامي سوچ 12

ڊرٽو تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ وفاقي حڪومت جي پاليسين خلاف نعريبازي تفصيل موجب جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي سڏ تي سنڌ جي ٻين شهرن جيان گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ به جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي پاران ريلي ڪڍي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب. ۽ پنائي چوڪ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان. ان موقعي تي جسقم اڳواڻ ايڊووڪيٽ عبدالمجيد مير بحر مير حسن لاشاري مصري مير مهر ڪمال مهر ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته تيل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ۽ هٿرادو مهانگائي عوام کي سخت مشڪلاتن ۾ وجهي ڇڏيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته حڪمرانن وٽ عوام لاءِ ڪا به رليف پاليسي ناهي، جڏهن ته غريب ماڻهو ٻن وقتن جي ماني گهڻي لاءِ پريشان آهن. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن تيل جون قيمتون گهٽ نه ڪيون ويون ۽ مهانگائي تي ضابطو نه آندو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو اڳواڻن عوام کي اپيل ڪئي ته پنهنجي حقن لاءِ گڏ ٿي آواز بلند ڪن، چو ته گڏيل جدوجهد سان ئي هن مهانگائي واري طوفان جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو

بقايا عوامي سوچ 13

اڳواڻن ضلعي صدر عزيزالله ڏيرو ، سيد سجاد شاهه شيرازي وڪيل، سليم بلوچ تعلقه صدر، لالا نواز انفارميشن سيڪريٽري ،سعيدا ملاح ليڊيزونگ، گل محمد گرگيز تعلقه جنرل سيڪريٽري ، اياز خواجه ۽ ٻين اڳواڻن بدين نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته اسان جو زرعي ملڪ آهي پيٽرول ڊيزل مهانگو ڪرڻ سان ڪاشت ڪارن تي تمام وڏو اثر پوندو ان سان گڏوگڏ کاڌي پيتي جون شيون پڻ تمام گهڻيون مهانگيون ٿي ويون آهن تيل مهانگو ڪرڻ عوام دشمن پاليسي آهي جيڪا عوام قطئي منظور نٿي ڪري سگهي هن وقت پاڪستان تحريڪ انصاف پاران پوري ملڪ ۾ سراپا احتجاج آهي تيل جا اگر نه گهٽايا ويا ته احتجاجن جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 14

دارت هيٺ سنئي ماحول ۾ ٿي گذري، سڀ ڪان اول مهمانن کي ثقافتي سوڪڙي اجرڪ ۽ لونگي پهرائي وئي هن پروگرام ۾ دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ادبي ذوق جو ڀرپور اظهار ڪيو. گڏجاڻي ۾ محترم مهر ڊيائي سان ادبي ۽ قومي سڃاڻپ جي موضوع تي ليڪچر ۽ ڪچهري رٿيل هئي، هن پروگرام جو خاص مهمان سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو اڳوٽو مرڪزي خزانچي محترم جبار ملاح هو ان ڪان سواءِ پروفيسر عبدالواحد ميمڻ، پروفيسر محمد عارف تنيو، نور الدين پنهوري، اعجاز علي ڀٽ، نديم علي سولنگي، توقير احمد قريشي، فيضان فقير محمد سولنگي، حفيظ الرحمان عباسي، داور ڊيائي، واجد علي ڀٽ، سيد دينل شاهه، لالا آصف وسطڙو، سيد مهدي شاهه، سچل خاصخيلي، مختيار احمد مري، فرهاد وسطڙو، سيد امير علي شاهه، مهتاب وسطڙو، ڪاشف وسطڙو، مبشر علي سهتو، پپو ڀٽ، زبير، سمير علي ڀٽ، ثناءالله عباسي، غمگين سيال، نعمان قريشي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪري گڏجاڻي کي چار چنڊ لڳاياجبار ملاح چيو ته جيڪڏهن اسان سچي نيت ۽ گڏيل ڪوشش سان ڪم ڪنداسين ته ادب وسيلي نه صرف پنهنجي سماج کي بهتر بڻائي سگهنداسين، پر ايندڙ نسلن لاءِ به روشن راهون هموار ڪري سگهون ٿا صدارتي خطاب ڪندي محترم مهر ڊيائي چيو ته اڄ هالاڻي جي دوستن جنهن محبت، عزت ۽ پنهنجائپ سان آدرڀاءُ ڪيو آهي، اهو منهنجي لاءِ اعزاز ڪان گهٽ ناهي. مان سندن هن پيار ۽ خلوص جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ادب اسان جي سڃاڻپ، تهذيب ۽ فڪر جو آئينو آهي ادب ئي اهو ذريعو

آهي جيڪو قومن کي شعور، سجاڳي ۽ سڌي راهه ڏيکاريندو آهي

بقايا عوامي سوچ 15

ڳوٺاڻي مرڪزي اڳواڻن سيد علي شاهه، عابد سنڌي، الطاف ميراڻي، مجيب ڪوسو، نديم جويو، عبيد دايو ڪئي، جڏهن ته ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي شهر جي مختلف اهم رستن تان گذرندي پريس ڪلب جيڪب آباد پهتي، جتي مظاهرين حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ تازي واڌ کي رد ڪيو. مظاهرين چيو ته مهانگائي سبب عام ماڻهو سخت تڪليفن ۾ مبتلا آهي ۽ پيٽروليم شين جي وڌندڙ اگهن عوام جي زندگي مشڪل بڻائي ڇڏي آهي عوام اڳ ئي مهانگائي جي بارهيٺ دٻيل آهي ۽ وڌيڪ واڌ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي، اڳواڻن حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته عوام کي رليف ڏنو وڃي، مهانگائي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ فوري گهٽتائي ڪئي وڃي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 16

وئي، تقريب شهر ۾ ثقافتي رونقن کي نئون رنگ ڏئي ڇڏيو، سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، جڏهن ته اداري جي 22 سالن جي ڪامياب سفر، خدمتن ۽ ڪاميابين تي روشني وڌي وئي، ان موقعي تي نامور شاعر ۽ اديب سيد تابش بخاري، اسٽيج ۽ ٽي وي جي مشهور اداڪارن ديدار، خادم سمون، خليل عارف سومرو ۽ خادم حسين ٿهيم سان گڏ هڪ دلڪش رهاڻ پڻ رچائي وئي، جنهن ۾ فن، ادب ۽ مزاح جو خوبصورت امتزاج ڏسڻ ۾ آيو، تقريب ۾ شاعرن، اديبن، صحافين، سماجي ڪارڪنن، سوشل ورڪرن ۽ شهرين سميت اسٽيج ۽ ٽي وي سان لاڳاپيل شخصيتن ڀرپور شرڪت ڪئي، جڏهن ته فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري محفل کي يادگار بڻائي ڇڏيو، آخر ۾ مهمانن اسد پروڊڪشن دادو جي ڪوشش کي ساراهيندي اداري جي روشن مستقبل لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ۽ اهڙين سرگرمين جي تسلسل جي اميد ظاهر ڪئي،

بقايا عوامي سوچ 17

ورسي اڄ 6 اپريل تي جيئي سنڌ تحريڪ طرفان سڄي سنڌ ۾ جوش ۽ جذبي سان ملهائي ويندي. ان سلسلي م جيئي سنڌ تحريڪ جا ڪارڪن سڄي سنڌ ۾ شهيد جي ورسي جي موقعي تي سندس قربانين ۽ جدوجهد کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريبون منعقد ڪندا. سندس تصوير تي گلن جي ورڪا ڪري ڏيئا ۽ ميڻ بتيون ٻاريون ويندين ۽ لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي ويندي. مڪ تقريب نئين ۾ شهيد جي مزار تي ٿيندي. جيئي سنڌ تحريڪ جا ڪارڪن ،شهيد جا چاهيندڙ، فيملي پارٽي چيئرمين سوره سنڌي ،امتياز ميراڻي ،باغي راڄپر، بشير پنهور ،ميرجان سنڌي ،سيد عزير شاهه،ياسين لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي م شام 4 وڳي شهيد جي مزار تي جلوس جي صورت ۾ پهچي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي قومي ترانو پڙهي ڀيٽا پيش ڪندا. ان موقعي تي مزار تي ميڙاڪي ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جا اڳواڻ شهيد جي قربانين ۽جدوجهد کي لفظن جي ڀيٽا پيش ڪندا

بقايا عوامي سوچ 18

ين ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي. تقريب جي صدارت ضلعي صدر بابو احسان پتو ڪئي، جڏهن ته علائقي جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي صدر بابو احسان پتو چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي تاريخ جو اهو عظيم اڳواڻ هو، جنهن ملڪ کي آئين ڏنو عوام کي حق ڏنا ۽ غريب طبقي کي سڃاڻپ ڏني. هن چيو ته ڀٽو شهيد جي سياست جو مرڪز هميشه عوام رهيو ۽ هن پنهنجي جان به جمهوريت ۽ عوام جي حقن خاطر قربان ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته ڀٽو شهيد جو فلسفو صرف هڪ سياسي نعرو نه پر هڪ مڪمل سوچ آهي، جنهن ۾ انصاف، برابري ۽ عوامي حاڪميت شامل آهي. اڄ به ملڪ کي جيڪڏهن ترقي ۽ استحڪام ڏانهن وٺي وڃڻو آهي ته ڀٽو شهيد جي وات تي هلڻو پوندو. هن زور ڏنو ته نوجوان نسل کي ڀٽو شهيد جي فڪر کان آگاهه ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. بابو احسان ڀٽو چيو ته اسان سڀني جو فرض آهي ته ڀٽو شهيد جي مشن کي اڳتي وڌايون ۽ ملڪ ۾ جمهوريت کي مضبوط بڻايون. هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي ۽ ڪندي رهندي. تقريب ۾ پ پ پ شهيد ڀٽو ضلعي نئين جي اڳواڻن پير بخش سمون، ڪامريڊ ذوالفقار بروهي، ذوالفقار ڀٽو گل بقا ڀٽ، نور حسن ٿهيم، ثناءُ الله هنگورو ۽ شهزادو سومرو سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. تقريب جي آخر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو

لاءِ دعا گهري وئي ۽ ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ جمهوريت جي استحڪام لاءِ به خصوصي دعائون ڪيون ويون.

بقايا عوامي سوچ 19

ولد خميسون انصاري عيد جي چار ڏينهن ڪان پوءِ ترڪ جي ڪليڻدري لاءِ ڊرائيور عبدالهادي عرف ماما جتوئي سان گڏ گهران نڪتو، جيڪو اڄ تائين لاپتا آهي. هن چيو ته سندن مائٽ جي ڳولا لاءِ هو سخت پريشان آهن ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي ڳولا باوجود ڪو ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته هنن ترڪ ڊرائيور عبدالهادي عرف ماما جتوئي ۽ ترڪ مالڪ محمد قاسم سنجهراڻي سان پڻ رابطو ڪيو، پر انهن پاران به ڪا واضح ڄاڻ نه ڏني وئي. محمد صديق انصاري موجب جڏهن هو مڪلي ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائڻ ويا ته پوليس سندن فرياد ٻڌڻ ڪان انڪار ڪيو، جنهن سبب هو مجبور ٿي صحافين آڏو دانهن ڪڻي آيا آهن. هن ايس ايس پي ٺٽو ڪان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي سندن گم ٿيل مائٽ محمد اسلم انصاري جي جلد بازيابي لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 20

سوين ڪارڪنن احتجاجي ريلي ڪڍي ڊرٽو هنيو. تفصيل موجب ڏوڪري ۾ حڪومت طرفان وڌايل اگر ريلي ۾ شريڪ ڪارڪنن پيٽرول جي وڌايل قيمتن خلاف نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته وڌايل اگر خلاف هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان پاران امداد قاضي عاجز ماڇي، صابر زهراڻي، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علي پارڪ ڪان ڏوڪري پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڊرٽو هنيو ويو جي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته مختلف بهانا ناهي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو ڪري عوام تي وڌيڪ معاشي بار وڌو پيو وڃي، جيڪو اڳ ئي مهانگائي سبب ڏڪيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. امداد قاضي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته حڪمرانن جي شاهه خرچين کي پورو ڪرڻ لاءِ عوام تي وڌيڪ ٽيڪس لاڳو ڪرڻ بند ڪيا وڃن ۽ صدر ڪان وٺي وزيرن تائين مفت پيٽرول جون سهولتون ختم ڪيون وڃن. هن مطالبو ڪيو ته پيٽرول جي قيمت 2018ع جي سطح تي آندي وڃي. جڏهن ته ڪڻڪ ۽ زرعي جنسن جا اگر به مناسب تناسب سان وڌائي ٻهراڙي جي غريب ماڻهن کي رليف ڏنو وڃي. اڳواڻن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته عام واهپي جي شين جهڙوڪ دال، اٽو ۽ ڪاڇرو تيل تي سبسڊي ڏئي مهانگائي کي گهٽايو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 21

ور سپاري گٽڪا وڪرو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪٻاڙي جي دوڪاندارن عاشق علي شيخ ۽ فياض سومرو مٿان چوري جو لوهه سميت ٻيو سامان خريد ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس طرفان ڪارروائي دوران اڃي ڪمار، عاشق علي شيخ ۽ فياض سومرو کي گرفتار ڪري لاڪپ ۾ بند ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي ايس ايڇ او ڏوڪري محمد ابراهيم بروهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته پوليس گشت دوران ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي اڃي ڪمار کي آداب گٽڪا وڪرو ڪندي گرفتار ڪيو ويو. ايس ايڇ او موجب ڪٻاڙي جا دوڪاندار فياض سومرو ۽ عاشق علي شيخ کي به چوري جو سامان خريد ڪرڻ دوران گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته تنهي جوابدارن خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 22

آرٽ ڪائونسل دادو , پ پ شهيد ڀٽو , ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاجي مظاهرو ڪري جوهي ناڪي نيشنل پرس ڪلب اڳيان ڊرٽو هنيو ويو،ڪامريڊ قربان ڪوڪر،غلام قادر لغاري، غلام نبي باهوٽو , احمد خان روڏناڻي , هاشم ڪوسو، حيدر سيال ,امين وگهيو , مولوي غلام مصطفي لاشاري، ساوڻ ٻبر، خليل عارف سومرو , روشن خادم باهوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندڙ مظاهرين چيو آهي ته ملڪ اندر پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائڻ سان گڏ هٿرادو مهانگائي ۽ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ ڳاتي توڙ اضافو ٿي ويو آهي، ايتري تائين جو ماڻهن جي قوت خريد جواب ڏئي ڇڏيو آهي، ماڻهو پيٽ پالڻ تي پريشان آهن, هنن چيو ته جنهن ملڪن اندر هڪ مهيني ڪان جنگ هلي پئي اتي ڪاب مهانگائي ناهي هن ملڪ اندر ايران ڪان سستو تيل خريد ڪري عوام کي ڳاتي توڙ وڪرو ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته ملڪ اندر نا اهل حڪمرانن جي عياشين جو خرچ به هٿرادو مهانگائي ڪرائي عوام کي پيڙهيو پيو وڃي هنن چيو ته اڄ عوام روڄن تي نڪتي آهي آئنده مجبور ڪيو ويو ته گهرن اسيمبلين جو گهيراءُ ڪيو ويندو هنن چيو ته سڄي ملڪ اندر حڪمرانن جي ڪرپشن سبب ادارا

ڪنگال بڻجي ويا آهن هاڻ حڪمرانن کي گهرجي ته عوام جي حقن تي ڌاڙن هڻن وارو پئڪيج ختم ڪري عوامي راءِ جو احترام ڪندي سنڌن تعليم صحت امن سڄي ملڪ اندر برابري جي بنيادن تي ڏئي خراب حڪمرانن جو احتساب ڪيو وڃي اگر تيل ۽ روز مره ۾ استعمال ٿيندڙ شين جا اگهه عوام جي پهچ ڪان ٻاهر رکيا ويا ته عوام جي گهرن اندران خود ڪشين وسيلي لاش ملندا هنن مطالبو ڪيو ته پيٽرول ڊيزل جا اگهه فوري طور تي گهٽايا وڃن، نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 23

ويو تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڏاڏا عبدالقادر راڻتو، ضلعي صدر رزاق چانڊيو، شاهه محمد چانگ، منا خان لاشاري، بلاول لاشاري، گهنور خان زئور، رياض عباسي ۽ نور محمد ڪنيار سميت ٻين اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عالمي حالتن کي جواز بڻائي عوام تي وڌيڪ معاشي بار وڌو پيو وڃي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. اڳواڻن چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران خلاف وڌندڙ دٻاءُ ۽ ڪارروايون قابل مذمت آهن ۽ هو ايران سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪن ٿا. هنن وڌيڪ چيو ته آمريڪي پاليسين دنيا جي مختلف ملڪن ۾ تڪرار ۽ بيچيني کي جنم ڏنو آهي، جنهن سبب بيگناهه ماڻهن کي وڏو نقصان پهتو آهي اڳواڻن چيو ته اڳ ئي مهانگائي سبب عام ماڻهو سخت متاثر آهي، جڏهن ته پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ سان روزمره جي شين جا اگهه وڌيڪ وڌي رهيا آهن، جنهن جو سڌو اثر غريب ۽ مزدور طبقي تي پئجي رهيو آهي. هنن حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ ڪيل واڌ واپس ورتي وڃي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 24

ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن. ڊي ايڇ او خيرپور گمس گمبٽ ۽ سٽي اسپتال گمبٽ جو اوچتو دورو ڪري طبي سهولتن، ڊاڪٽرن جي حاضري ۽ علاج جي عمل جو تفصيلي جائزو ورتو. سندس سڌي نگراني هيٺ گمبٽ سٽي اسپتال اندر آئسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو آهي، جتي متاثر ٻارڙن کي جديد طبي سهولتن سان الڳ رکي علاج ڪيو پيو وڃي. ڊي ايڇ او سختي سان هدايتون جاري ڪندي چيو ته ڪنهن به قسم جي لاپرواهي يا غفلت برداشت نه ڪئي ويندي، جڏهن ته سموري طبي عملي کي هاءِ الرٽ رهڻ ۽ ايمرجنسي بنيادن تي ڊيوٽيون انجام ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته وائرس جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيو پيو وڃي ۽ ضلعي جي عوام جي صحت جي حفاظت پهرين ترجيح آهي. شهرين ۽ سماجي حلقن ڊي ايڇ او جي ذاتي دلچسپي ۽ ميدان تي موجودگي کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته انهن قدمن سان جلد صورتحال بهتر ٿيندي.

بقايا عوامي سوچ 25

جي يو آءِ جي امير ڊاڪٽر اي جي انصاري، خالد محمود چنا،عبدالله عباس نونار مولانا منظور احمد، الهارڙو مولانا همت الله حافظ الهرڪو جعفر عبدالماجد چنالڪمر پتافيءَ ٻين جي اڳواڻ ۾ موسي واهه ڪان ڪڍيو ويوي مظاهرين مختلف رستن ڪان نعرا هڻندي پئي اسٽاپ تي ڊرٽو هنيو. جنهن ڪري ڪجهه وقت لاءِ ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وييئي. ان موقعي تي جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ۽ ٻين مقررن خطاب ڪندي چيو ته حڪمرانن جي غلط پاليسين جي ڪري هڪ طرف مهانگائي جو طوفان آهي ۽ ٻي طرف پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪري عوام ڪان جيئڻ جو حق به کسيو پيو وڃي وڌيڪ چيو ته زراعت ڏينهون ڏينهن تباهي طرف وڃي رهي آهي هارين ۽ آبادگارن جو معاشي استحصال ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته ڪڻڪ ۽ ٻين زرعي جنسن جا اگر گهٽ مقرر ڪري آبادگارن ۽ هارين کي مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته زرعي ياڻ ٻج ۽ دوائن جا اگر بي قابو ٿي چڪا آهن،هنن چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي ذريعي لکين ايڪڙ زمين ملٽي نيشنل ڪمپنين کي ڏئي سنڌ کي ڪپائڻ جي سازش آهي،هنن چيو ته عوام پنهنجون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ ڪان قاصر ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري هاڻي وقت اچي ويو آهي ته عوام ميدان ۾ نڪري پنهنجن حقن لاءِ آواز بلند ڪري

بقايا عوامي سوچ 26

ڳوٺان طرفان شٽر بند هڙتال مامون لاڏو چوڪ ڪان ريلي ڪڍي پبلڪ پارڪ تي پهتي جتي اڳواڻن حافظ رياض ميمڻ حاجي اسلم ميمڻ ڊاڪٽر هوت چند سيٺ پوڙهو ميمڻ ۽ ٻين تقريرون ڪيون وفات

حڪومت شهباز شريف خلاف نعره هنيا.

بقايا عوامي سوچ 27

جو هڪ اهم جنرل باڊي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ جماعتي تاريخ جو هڪ وڏو فيصلو سامهون آيو آهي. اجلاس جا اهم نڪتا: عدم اعتماد جي رٿ: اجلاس دوران 4 مهينا اڳ چونڊيل باڊي جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريا ويا ۽ ميمبرن پاران عدم اعتماد جي رٿ پيش ڪئي وئي. تاريخي فيصلو: اها رٿ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي، جنهن ڪانپوءِ اها باڊي صرف 4 مهينن جي مختصر عرصي ۾ ختم ڪئي وئي. ياد رهي ته جماعت جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن باڊي کي ايتري گهٽ وقت ۾ هٽايو ويو آهي. عبوري (Interim) سيٽ اپ: هاڻوڪي صورتحال کي سنڀالڻ لاءِ بدين جي ڪجهه معزز شخصيتن تي مشتمل هڪ عبوري سيٽ اپ جوڙيو ويو آهي. آئنده چونڊون: هيءَ نئين مقرر ڪيل انتظاميه ايندڙ عام چونڊن تائين جماعت جا معاملا هلائيندي. هيءَ صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته جماعت جا ميمبر پنهنجي انتظامي معاملن ۾ شفافيت ۽ ڪارڪردگي کي ڪيتري اهميت ڏين ٿا. هاڻي سڀني جون نظرون نئين عبوري سيٽ اپ ۽ ايندڙ چونڊن تي هونديون.

بقايا عوامي سوچ 28

نون چونڊيل عهديدارن جي اعزاز ۾ آجياڻي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو.جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ هولڊر اين اي_235 محمد آصف خان (ڊپٽي سيڪريٽري اطلاعات) پڻ خاص طور شرڪت ڪئي.ان موقعي تي ينگ سولنگي ويلفيئرايسوسيئيشن جي صدر ظهور احمد سولنگي، سينئر نائب صدر الاهي بخش سولنگي، نائب صدر عبدالخالق سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري ذوالفقار سولنگي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندن تنظيم جو بنيادي مقصد پنهنجي برادري جي ماڻهن سان گڏ بيهڻ، انهن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ آهي.هنن وڌيڪ چيو ته تنظيم خاص طور تي غريب ۽ مستحق ٻارن جي تعليم تي ڌيان ڏئي رهي آهي ۽ ان سان گڏ مسڪين ماڻهن جي هر ممڪن مدد پڻ ڪئي پئي وڃي. هنن ٻڌايو ته ينگ سولنگي ويلفيئر ايسوسيئيشن طرفان هر هفتي مختلف ڳوٺن ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپ پڻ لڳايا وڃن ٿا، جتي ماڻهن کي بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون.پروگرام ۾ اولهه پريس ڪلب جي صحافين صدر محمد اصغر پاٽني. جنرل سيڪريٽري محمدعلي وگهيو چيف ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڊاڪٽر عبدالعليم ميمڻ. پريس سيڪريٽري سردار علي مگسي ميمبرشاهه محمد تنيو ميمبر محمد نواز گبول. ميمبر سعد پاٽني ۽ ينگ سولنگي ويلفيئرايسوسيئيشن جي آرگنائيزر سراج احمد سولنگي، سعيدالله سولنگي، طارق احمد سولنگي، لياقت علي سولنگي، عابد علي سولنگي، عبدالخالق سولنگي جونيئر ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي ۽ پروگرام کي ڪامياب بڻايو تقريب جي پڄاڻي تي مهمانن ۽ صحافين جي مان ۾ آجياڻو پڻ ڏنو ويو. جتي سماجي ڀلائي جي قدمن کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

بقايا عوامي سوچ 29

جاري، جنهن جي استعمال سبب ڪيترائي معصوم ٻارڙا گلو خراب، ڪنگهه زڪام ۽ بخار سميت مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا، سنڌ فوڊ اٿارٽي ضلعي خيرپور جا عملدار توڙي اي سي گمبٽ خاموش بڻيل. سڄاڳ ڌرين پاران لاڳاپيل اختيارين ڪان نوٽيس وٺي وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو. تفصيل موجب: گمبٽ شهر ۾ تازين برساتن ڪان پوءِ تڏ واري موسم هئڻ باوجود گمبٽ شهر ۾ سينڪلين مليل غير ن طرفان گمبٽ شهر جي دڪاي ڪميشن عيوض وڪرو ڪرڻ لاءِ ڏنيون وڃن ٿيون جيڪي تعلقي گمبٽ جي ننڍن وڏن شهرن، اسٽاپن ۽ ڳوٺن اندر وڪرو ڪري رهيا آهن، سينڪلين مليل ۽ غيرمعياري ڪلفين ۽ آئس ڪريم جي استعمال سبب ڪيترائي شهري توڙي ڳوٺاڻا خاص ڪري معصوم ٻارڙا مختلف بيمارين جن ۾ گلو خراب، ڪنگ، زڪام، بخار، ساهه ۾ تڪليف سميت مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا آهن، جڏهن ته سنڌ فوڊ اٿارٽي ضلعي خيرپور جا عملدار توڙي اسسٽنٽ ڪمشنر گمبٽ سڄي صورتحال ڪان باخبر هوندي به خاموش بڻيل آهن. شهر جي سڄاڳ ڌرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي انساني صحت لاءِ هاجيڪار سينڪلين مليل ڪلفين ۽ آئس ڪريم وڪرو ڪندڙ ايجنسين مالڪن ۽ شهر جي دڪاندارن سميت ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

چيلهار ۾ پيٽرول ڊيزل گيس سميت روزمره جي شين ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف شهرين پاران ريلي

پيٽرول ۽ ڊيزل سميت گيس جي اگهن ۾ واڌ سبب غريب عوام جو جيئڻ مشڪل ٿي ويو

گاڏين جي ڪراين توڙي ڪاڌي پيتي جي سامان سميت روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ شين غريبن جي پهچ مان نڪري ويون آهن

جيڪڏهن پيٽرول ڊيزل گيس جون قيمتون گهٽائي ساڳيون نه مقرر ڪيون ويون ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

مٺي (رپورٽ محمدرحيم مگريو) خبر موجب چيلهار شهر ۾ پيٽرول ڊيزل گيس سميت روزمره جي شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا شهرين پاران ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو شهرين جي چوڻ ۾/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

قومپرست اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ قومي ڪارڪنن کي گم ڪرڻ خلاف احتجاج

جنهن ۾ ڊاڪٽر نظير کوکر امتياز ماڇي، گلاب ناريجو، گدا اڄڻ، سڪندر چانديو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

قومي ڪارڪنن کي بنا جواز ڪنيي گم ڪرڻ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي

جيڪا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ٿي ڪري سگهجي مقررن پنهنجي خطاب ۾ مطالبو

گمبٽ (رپورٽر) قومپرست اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ قومي ڪارڪنن کي ڪنيي گم ڪرڻ خلاف پريس ڪلب گمبٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن ۾ ڊاڪٽر نظير کوکر امتياز ماڇي، گلاب ناريجو، گدا اڄڻ، سڪندر چانديو ۽ ب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

گهوٽڪي جي مختلف ٻيلن جي زمينن تي پوڪيل غيرقانوني ڪٽڪ ۽ سرنهن جي فصلن جا لاٻارا شروع

قبضا مافيه 20 هزار ايڪڙن تي پوڪيل ڪٽڪ جا سرعام لاٻارا اعلي عملدار خاموش

عملي 8 هزار روپيه مبينه رشوت وٺي قبضه مافيه کي اجازت ڏئي ڇڏي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) گهوٽڪي جي مختلف ٻيلن جي زمينن تي پوڪيل غيرقانوني ڪٽڪ ۽ سرنهن جي فصلن جا لاٻارا شروع. قبضا مافيه 20 / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ورشهر جي سوشل ورڪر ۽ جسقم ضلعي ٺٽي جي پريس سيڪريٽري عبدالرزاق ٽنيو جو احتجاج

هڪ سوشل ورڪر ۽ جسقم جو ڪارڪن آهي ۽ شهر جي مسئلن تي هر موڙ تي آواز اٿاريندو رهيو آهي

ورشهر ۾ رهندڙ سيئي برادريون سندن پائر آهن، پر ڪجهه بااثر ماڻهن طرفان سندن زمينن تي قبضا ڪري ڪوڙا ۽ جعلي ڪاتا ٺهرايا ويا آهن

شهر ۾ بجلي بند ٿيڻ جهڙن معاملن جو به الزام مٿس لڳايو وڃي ٿو، جيڪو سراسر ناانصافي آهي

غلام الله (رپورٽ بابوجان هنگورجو) ورشهر جي سوشل ورڪر ۽ جسقم ضلعي ٺٽي جي پريس سيڪريٽري عبدالرزاق ٽنيو پريس ڪلب غلام الله پهچي صحافين اڳيان سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته ورشهر جي ڪجهه بااثر وڏيرن ڪان ڪيس ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڪوٽ غلام محمد ۾ وفاقي گورنمنٽ پاران پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائڻ خلاف احتجاج

سياسي سماجي اڳواڻ سول سوسائيٽي رڪشا يونين ۽ وڪيل برادري پاران پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيا ويا

ڪوٽ غلام محمد ۾ وفاق پاران پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائڻ خلاف مختلف سياسي سماجي اڳواڻن پاران پريس ڪلب سامهون الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون الڳ احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد ۾ وفاقي گورنمنٽ پاران پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائڻ خلاف مختلف سياسي سماجي اڳواڻ سول سوسائيٽي رڪشا يونين ۽ وڪيل برادري پاران پريس ڪلب سامهون احت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

دادو شهر ۾ پي ٽي آءِ ضلع دادو پاران ملڪ ۾ تيل جي قيمتن ۾ تيل واڌ ۽ عام شين ۾ تيل واڌ خلاف احتجاج

دادو پريس ڪلب ٽائين هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا، بينر، پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري وفاقي حڪومت خلاف ڇتي نعري بازي ڪئي

پيٽرول جي قيمتن ۾ ڪيل واڌ ۽ ڊيزل جي مد ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب گاڏين جي ڀاڙن ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ وڏي پيماني تي واڌ ٿي وئي آهي

جنهن سبب روزانو جي بنياد تي ٽرانسپورٽ تي ايندڙ عام واهپي جي شيئون جيڪي روزاني جي بنياد تي سفر ڪري اچن ٿيون

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر ۾ پي ٽي آءِ ضلع دادو پاران ملڪ ۾ تيل جي قيمتن ۾ تيل واڌ ۽ عام شين ۾ تيل واڌ خلاف ۽ اڳوڻي وزير اعظم عمران خان جي رهائي لاءِ علامه آءِ قاضي لائبريري کان دادو پريس ڪلب ٽائين هٿن ۾ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

وفاقي حڪومت پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف دادو ۾ عوامي فورم پاران احتجاج

پاڪستان ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌائي 22 ڪروڙ عوام کي جيري ماري ڇڏيو آهي، حڪمران پنهنجن عياشن ۾ مصروف آهن

رڳو عوام تي وزن رکي ملڪ جي معيشت کي سنڀالڻ جي ڳالهه ڪن پيا، چيئرمين عاشق زنئور

پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ بعد ايڏي مهانگائي وڌي وئي آهي جو ڪائڻ پائڻ وڏو مسئلو ٿي ويو آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پاڪستان ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌائي 22 ڪروڙ عوام کي جيري ماري ڇڏيو آهي، حڪمران پنهنجن عياشن ۾ مصروف آهن رڳو عوام تي وزن رکي ملڪ جي معيشت کي سنڀالڻ جي ڳالهه ڪن پيا، چيئرمين عاشق /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

دادو: عوامي فورم پاران تيل قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو ويو.

سيوهڻ تعلقي جو پريمي جوڙو عدالتي پرڻي بعد تحفظ لاءِ دادو پريس ڪلب پهچي ويو

اسان پنهنجي مرضي سان شادي ڪئي آهي، پر ناري جي گهرڀاتين طرفان زندگين کي سخت خطر لاحق آهن

جنهن سبب اسان تحفظ لاءِ ادارن سان رابطو ڪيو آهي جوڙي پاران سيشن ڪورٽ دادو ۾ باقاعده درخواست داخل ڪرائي وئي آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ سيوهڻ تعلقي سان تعلق رکندڙ پريمي جوڙو عدالتي پرڻو ڪرڻ بعد پنهنجي جان کي خطري سبب تحفظ لاءِ دادو پريس ڪلب پهچي ويو آهي. آراضي جي ڳوٺ سانگ پور جي ناري ساجد ڏيءُ نبي بخش ٻڌڙي پنهنجي مگيندي الهجڙيو پٽ ماروخان ٻڌڙي سان دادو جي عدالت ۾ پسند جي شادي عدالتي پرڻو ڪري ڇڏيو آهي جوڙي ميڊيا سان ڳالهائين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

عدالتي پرڻي بعد پريمي جوڙو تحفظ لاءِ پريس ڪلب دادو پهچي ويو

احمدپور ۾ ناري جو نوجوان سان نڪاح ڪرڻ وارو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ويو

ناري کي اغوا ڪري زبردستي نڪاح متان نڪاح ڪرائڻ جو انڪشاف

ناري جي پيءُ ماءُ سميت سندس اڳوٺي مڙس جو احتجاج آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان انصاف جو مطالبو

احمدپور (رپورٽ سرفرازعلي ميتلو) احمدپور ۾ ناري جو نوجوان سان نڪاح ڪرڻ وارو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ويو . ناري کي اغوا ڪري زبردستي نڪاح متان نڪاح ڪرائڻ جو انڪشاف. ناري جي پيءُ ماءُ سميت سندس اڳوٺي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

پ پ پ شهيد ڀٽو ضلعي ٺٽي جي طرفان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي ملهائي وئي

علائقي جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي تاريخ جو اهو عظيم اڳواڻ هو جنهن ملڪ کي آئين ڏنو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) پ پ پ شهيد ڀٽو ضلعي ٺٽي جي طرفان گهارو ۾ هنگورو هائوس تي قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47ه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

شهيد شفيع محمد ڪرناٽي جي 10 هين ورسي اڄ ملهائي ويندي

شهيد جي ورسي جي موقعي تي سندس قربانين ۽ جدوجهد کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريبون منعقد ڪندا

سندس تصوير تي گلن جي ورڪا ڪري ڏيئا ۽ ميڻ بتيون ٻاريون وينديون ۽ لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي ويندي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سائين جي ايم سيد جي ويجهي ساٿي جيئي سنڌ تحريڪ جي شهيد چيئرمين شهيد شفيع محمد ڪرناٽي جي 10 هين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو ۾ اسد پروڊڪشن دادو جي 22هين سالگره لطيف ليبر هال ۾ هڪ شاندار ۽ رنگا رنگ تقريب منعقد

تقريب شهر ۾ ثقافتي رونقن کي نئون رنگ ڏئي ڇڏيو، سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

اداري جي 22 سالن جي ڪامياب سفر، خدمتن ۽ ڪاميابين تي روشني وڌي وئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ اسد پروڊڪشن دادو جي 22هين سالگره لطيف ليبر هال ۾ هڪ شاندار ۽ رنگا رنگ تقريب منعقد ڪئي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

جيڪب آباد ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ خلاف عام انسان تحريڪ پاران سائيڪل مارچ ڪڍيو ويو

الطاف ميراڻي، مجيب ڪوسو، نذير جويو، عبيد دايو ڪئي، جڏهن ته ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ خلاف عام انسان تحريڪ پاران سائيڪل مارچ ڪڍيو ويو. ريلي جي ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي جي گڏجاڻي

گڏجاڻي نالي وارو خوبصورت شاعر محترم مهر ڏاهائي جي صدارت هيٺ سٺي ماحول ۾ ٿي گذري

سڀ کان اول مهمانن کي ثقافتي سوکڙي اجرڪ ۽ لونگي پهرائي وئي

منياڻي (رپورٽ ميول خان مستوئي) سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي جي گڏجاڻي نالي وارو خوبصورت شاعر محترم مهر ڏاهائي جي ص/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

بدين ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌائڻ خلاف احتجاج

تعلقه جنرل سيڪريٽري ، اياز خواجه سٽي اڳواڻ بدين نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج کي خطاب

اسان جو زرعي ملڪ آهي پيٽرول ڊيزل مهانگو ڪرڻ سان ڪاشت ڪارن تي تمام وڏو اثر پوندو

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌائڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو. پاڪستان تحريڪ انصاف جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ميرپورماٿيلو ۾ جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي سڏ تي هترادو مهانگائي خلاف ريلي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو

ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب. ۽ پٺاڻي چوڪ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو

تيل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ۽ هترادو مهانگائي عوام کي سخت مشڪلاتن ۾ وجهي ڇڏيو آهي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۾ جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي سڏ تي تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ هترادو مهانگائي خلاف ريلي احتجاجي مظاهرو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ميرپور ماٿيلو قومي ڪارڪن اڳواڻ تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪندي

منشيات جي وڌندڙ وبا خلاف عوامي راڄ تحريڪ بدين طرفان شهر ۾ زبردست احتجاجي ريلي

جيڪا شاهنواز چوڪ کان شروع ٿي نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان پهتي

ريلي ۾ وڏي انگ ۾ شهرين، سماجي ڪارڪنن ۽ نوجوانن شرڪت ڪئي

بدين (رجب راهمون) منشيات جي وڌندڙ وبا خلاف عوامي راڄ تحريڪ بدين طرفان شهر ۾ زبردست احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شاهنواز / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

بدين سي اين جي اگهن ۾ واڌ خلاف رڪشا ايسوسيئيشن ۽ سوشل ورڪر اتحاد جو سخت احتجاج

نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان پهتي، جتي مظاهرين زبردست نعريبازي ڪئي

احتجاج جي اڳواڻي رڪشا يونين جي اڳواڻن عرفان اديجو، مشتاق چانگ ۽ اڪبر راهمون ڪئي

بدين (رجب راهمون) بدين سي اين جي اگهن ۾ واڌ خلاف رڪشا ايسوسيئيشن ۽ سوشل ورڪر اتحاد جو سخت احتجاج بدين ۾ سي اين جي رڪشا / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

مڪلي تُرڪش ڪالوني واسي محمد صديق انصاري پنهنجي پُٽ سميت احتجاج

چار ڏينهن کان پوءِ ٽرڪ جي ڪلينڊري لاءِ ڊرائيور عبدالهادي عرف ماما جتوئي سان گڏ گهران نڪتو، جيڪو اڄ تائين لاپتا آهي

سندن مائٽ جي ڳولا لاءِ هو سخت پريشان آهن ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي ڳولا باوجود ڪو ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي

هنن ٽرڪ ڊرائيور عبدالهادي عرف ماما جتوئي ۽ ٽرڪ مالڪ محمد قاسم سنجهراڻي سان پڻ رابطو ڪيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) مڪلي تُرڪش ڪالوني واسي محمد صديق انصاري پنهنجي پُٽ شفيق احمد انصاري ۽ پاڻتي بلاول انصاري سان گڏ مڪلي پريس ڪلب ٺٽو پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ڏاهن ڪئي آهي ته سندس سالو محمد اسلم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڏوڪري ۾ حڪومت طرفان وڌايل پيٽرول جي اگهه خلاف احتجاج

صابر زهراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علي پارڪ کان ڏوڪري پريس ڪلب تائين سوين ڪارڪنن احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو

ڏوڪري ۾ حڪومت طرفان وڌايل اگهه ريلي ۾ شريڪ ڪارڪنن پيٽرول جي وڌايل قيمتن خلاف نعريبازي

امداد قاضي عاجز ماڇي، صابر زهراڻي، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علي پارڪ کان ڏوڪري پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ حڪومت طرفان وڌايل پيٽرول جي اگهه خلاف هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان پاران امداد قاضي، عاجز ماڇي، صابر زهراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علي پارڪ کان ڏوڪري پريس ڪلب تائين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڏوڪري ٿاڻي تي ٽن ڄڻن مٿان الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا

گارمينٽ جي واپاري اجي ڪمار خلاف نشي آور سپاري گٽڪا وڪرو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪباڙي جي دوڪاندارن عاشق علي شيخ ۽ فياض سومرو مٿان چوري جو لوهه سميت ٻيو سامان خريد ڪرڻ جو ڪيس داخل

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ٿاڻي تي ٽن ڄڻن مٿان الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. پوليس موجب گارمينٽ جي واپاري اجي ڪمار خلاف نشي آ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ملڪ اندر پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌڻ خلاف جوهي ۾ احتجاج

جماعت اسلامي، پي ٽي آءِ، جي ڊي اي، ٽي ايل پي، آرٽ ڪائونسل دادو، پ پ شهيد ڀٽو ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاجي مظاهرو

ملڪ اندر پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائڻ سان گڏ هترادو مهانگائي ۽ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ٿي ويو آهي

ايتري تائين جو ماڻهن جي قوت خريد جواب ڏئي ڇڏيو آهي، ماڻهو پيٽ پالڻ تي پريشان آهن

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) ملڪ اندر پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌڻ خلاف جوهي ۾ سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن ادبي تنظيمن ايس يو پي ، جسقم شهيد بشير قريشي ، جماعت اسلامي، پي ٽي آءِ، جي ڊي اي ، ٽي ايل پي ,/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران ايران سان يڪجهتي ۽ پاڪستان حڪومت طرفان احتجاج

عالمي حالتن کي جواز بڻائي عوام تي وڌيڪ معاشي بارو ڌو پيو وڃي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي

آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران خلاف وڌندڙ دٻاءُ ۽ ڪارروايون قابل مذمت آهن ۽ هو ايران سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪن ٿا

آمريڪي پاليسين دنيا جي مختلف ملڪن ۾ تڪرار ۽ بيچيني کي جنم ڏنو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران آمريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت، ايران سان يڪجهتي ۽ پاڪستان حڪومت طرفان مهانگائي سميت پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ خلاف مڪلي ڊي سي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران ايران سان يڪجهتي ۽ پاڪستان حڪومت طرفان احتجاج

ڊي ايڇ او خيرپور ڊاڪٽر برڪت علي ڪانهر فوري طور ميدان تي لهي آيو

صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن

ڊي ايڇ او خيرپور گمس گمبٽ ۽ سٽي اسپتال گمبٽ جو اوچتو دورو ڪري طبي سهولتن، ڊاڪٽرن جي حاضري ۽ علاج جي عمل جو تفصيلي جائزو ورتو

سندس سڌي نگراني هيٺ گمبٽ سٽي اسپتال اندر آئسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو آهي

گمبٽ (رپورٽر علي بخش گوپانگ) ضلعي اندر وائرس سبب ٻارڙن جي فوتگين واري افسوسناڪ واقعي بعد ڊي ايڇ او خيرپور ڊاڪٽر برڪت علي ڪانهر فوري طور ميدان تي لهي آيو آهي ۽ صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

مهانگائي، پيٽرول اگهن ۾ واڌ، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ هارين جي معاشي استحصال خلاف جي يو آءِ ۽ شهرين جو مظاهرو ۽ ڌرڻو

مظاهرين مختلف رستن کان نعرا هڻندي پٺي اسٽاپ تي ڌرڻو هنيو، جنهن ڪري ڪجهه وقت لاءِ ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪري عوام کان جيئڻ جو حق به کسيو پيو وڃي

زراعت ڏينهون ڏينهن تباهي طرف وڃي رهي آهي هارين ۽ آبادگارن جو معاشي استحصال ٿي رهيو آهي

جيڪب آباد: جمعيت علماءِ اسلام آبادگارن، هارين ۽ سماجي تنظيمن پاران وڌندڙ مهانگائي، پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ، ڪارپوريٽ فارمنگ، آبادگارن ج معاشي استحصال خلاف ۽ ٻين عوامي بنياد مسئلن لاءِ احتجاجي مظاهرو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

پيٽرول ڊيزل مانگهو ٿيڻ خلاف انجمن تاجران ضلعي سجاول جي اڳواڻن طرفان شٽر بند هڙتال

سجاول (رپورٽ:امتياز ميمڻ) پيٽرول ڊيزل مانگهو ٿيڻ خلاف انجمن تاجران ضلعي سجاول جي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

بدين: خواجه اثنا عشري جماعت جي باڊي خلاف عدم اعتماد جي رٽ ڪامياب

بدين (رجب راهمون) گذريل ڏينهن 4 اپريل 2026، چنڊ تي بدين جي خواجه اثنا عشري جماعت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ينگ سولنگي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اولڊ پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن جي اعزاز ۾ آجياڻي تقريب جو اهتمام

جنهن ۾ سياسي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ينگ سولنگي ويلفيئر ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) طرفان اولڊ پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن جي اعزاز ۾ آجياڻي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ينگ سولنگي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اولڊ پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن جي اعزاز ۾ آجياڻي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ سياسي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تفصيل موجب:- ڪراچي جي ماروئڙا ڳوٺ ۾ قائم ينگ سولنگي ويلفيئر ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) طرفان اولڊ پريس ڪلب ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

گمبٽ شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ سينڪلين مليل غيرمعياري ڪلفين آئس ڪريم وڪرو ڪرڻ لاءِ آئيس ايجنسيون قائم

گمبٽ تعلقي اندر سائيڪلن، موٽرسائيڪلن ۽ گاڏن تي سرعام وڪرو جاري

جنهن جي استعمال سبب ڪيترائي معصوم ٻارڙا گلو خراب، کنگهه، زڪام ۽ بخار سميت مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا

گمبٽ (رپورٽر علي بخش گوپانگ) گمبٽ شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ سينڪلين مليل غيرمعياري ڪلفين آئس ڪريم وڪرو ڪرڻ لاءِ آئيس ايجنسيون قائم، گمبٽ تعلقي اندر سائيڪلن، موٽرسائيڪلن ۽ گاڏن تي سرعام وڪرو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29